ڪريجا پبلشنگ هائوس، جي سهاري ڇپيل

ڪرڻو



باتصوير سنڌي ادبي رسالو

ڪڪريجا پبلشنگ هائوس
جي سهاري هيٺ

ڪرٽو - ۲۰

باتصوير سنڌي ٽماهي ادبي رسالو
سمپادڪ ۽ چترڪار
لڇمڻ ڪڪريجا ’مسافر‘

سال-۵، انڪ-۲۰
(جولاءِ-سپٽمبر ۲۰۰۱)

في پرچو : ۲۰ روپيا
ساليانو چندو : ۵۰ روپيا

پتو : ڪڪريجا پبليشنگ هائوس
بي ۴۱/۲۴۵، نوان بلاڪ
سنڌونگر-۰۰۵ ۴۲۱

Edited & Published by
Lachman Kukreja "Musafir"
B-41/245,
New Blocks,
Ulhasnagar-421 005.
Tel. : 0251-526026

Cover Design, Artist
& Layout Artist :
Lachman Kukreja "Musafir"

Printed by :
Sudha Offset Printers,
Ulhasnagar-3
Tel. : 560465

قلم سمپادڪ جو ....

- ”جيڪڏهن توهان کي هي مخزن وڻندي آهي ۽ چاهيو ٿا برقرار رهي ته مدد جا هٿ ڊگهيريو، کهڙي به روپ ۾ اميد ته محسوس ڪندا ۽ مدد ڪندا“ (ڪرٽو-۱۹ جي سمپادڪ جي قلم مان....)
- مٿين سڏ کي سڏ مليو، گهڻن ئي گهڻگهرن مدد جا هٿ ڊگهيريا. شروعات هڪ ۸۱ سالن جي بزرگ ڪاڪي ايشورداس ڪئي ۽ هڪ سو رپيا ڏنا، دادي نيلم بالاڻي خود ته ۴۰۰ رپيا ڏنا ۽ ٻين کان به اشتهارن جي روپ ۾ رپيا اٺ سو ڏيارِيا. هڪ دوست سريچند به ۴۰۰ رپيا شيپ ڪامنائن جي روپ ۾ ڏنا. هڪ دوست شري چانڊومل رامپال ”وچڙيل“ هڪ سال جا ۵ گراهڪ ڪري ڏنا يعني ته ۲۵۰ رپيا مليا. احمدآباد مان به ڪنهن ايم.ايم. لئبرري هڪ سال جو چندو رپيا ۵۰ موڪلي همٿايو. شري ڪشنچند ڳالاڻي ’ديپڪ‘ به هڪ سال جو چندو رپيا ۵۰ ڏيئي همٿايو
- اميد ته اهڙي طرح جي مدد ملندي ته مخزن وقت سر نڪرندي ۽ باقائدي سان نڪرندي رهندي هن مخزن جو ٽن مهنن ۾ ٽپال سميت خرچ رپيا ۳۴۰۰ آهي ۽ مدد جي درڪار آهي. هرڪو ڄاڻو ٿو ڪمائي نه پر کوٽ آهي ۽ اها کوٽ آءٌ پنهنجي کيسي مان پوري ڪندو آهيان.
- ڪوبه ٻنڌن ڪونهي، جي محسوس ڪيو ته موڪلي ڏيو. کهڙي به روپ ۾. مخزن کي مون مفت ورهايو آهي.
- سڀني مدد ڪندڙن جو مان ٿورائتو آهيان، ڌنيوادا.

A language unsealed.



Throughout history Man has sought means of communication, to record his thoughts for posterity. The earliest examples of such efforts are in clay, in the form of Indus Valley Seals. Owing largely to the quality of the material used the script was stylised and pictorial. The Indus Valley script would have been different had paper existed. But paper was then beyond Man's imagination. Today, of course, Man has the advantage of a wide choice in paper, with different textures and thicknesses, for all his communication requirements.

Paper—The Universal Language

ANDHRA PRADESH PAPER

For printing, packaging, writing.

Regd. Office & Mills: Rajahmundry (AP). Bombay Office: Shriniwas House, Hazarimal Somani Marg.
Hyderabad Office: 1-10-233/A Ashok Nagar, Hyderabad-500 020

FOSB-APP-781A2

۽ اسانکي ؟

■ لڇمڻ ڪڪريجا ”مسافر“

ڀارت کي فخر آهي ته سنڌ جي موهن جي دڙي تي، جنهنکي اڄ ڪلهه هڙاپن سڀيتا به چون هرموضوع جي شروعات، نشانيون هن دڙي ۽ هن سڀيتا مان لڌل شين سان هونديون آهن. تازو به ممبئي ۾ انٽرنئشنل ڦليٽ رويو جي ٻاري ۾ جو ڪڇ ڏيکاريو ويو هو. ان جي نشاني به هن سڀيتا جي ٻيڙي هئي جا ڪنهن مهر تي اُڪريل هئي ۽ هي اشتهار به توهان سامهون آهي جنهن ۾ هڪ مهر جو استعمال ڪيو ويو آهي.

Imprint, January 1976



ڪرڻو-١٩ لاءِ رايو

پيارا ڀاءُ ڪکريجا، جئه سنڌي!

تنهنجي ڪرڻو ١٩ پرچو پهتو مهرباني. اُن ۾ هميشه وانگر ايڊوٽيوريل ۾ سنڌين لاءِ صحيح شڪايت ڪئي آهي، ته هو ساهت کي نٿا همٿائين. اصل سنڌي ٻولي ڪائونسل به ''ڪرڻو'' جي توڙي آريه پر سنڌيت منهنجو ساهه ڪتابن جي خريداري نه ڪئي آهي. مان سمجهان ٿو ته هوءَ ٻيون کي مخزنون خريد ڪندا آهن. الاجي ڇو نيم سان نڪرندڙ ڪرڻو جون ڪاپيون نٿا خريد ڪن خاص ڪري اِها ته سڄي سنڌ ۽ سنڌيت جي مواد سان ڀريل آهي. جئن هن ڀيري (١٩ پرچو) ته هڪ انڊين ايڪسپريس ۾ ڏنل اهم ترين خبر ڏني آتيئي ته ڪئن وئليتائين ڏينهن تي دنيا جي ٢٩ ٻولين ۾ اي-بي-سي. ڊي. کان وٺي يوُ-وي ٻولين تائين ۾ لکيل 'مان تو سان پيار ڪندو آهيان.'' لفظن ۾ اسانجي سنڌي ٻولي کي به شامل ڪيل آهي پر اسانجا سنڌي اهڙا آهن پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ڌڪي رهيا آهين. برابر حيف ۽ لعنت آهي اهڙين سنڌين کي تو صحيح لکيو آهي. اِها هڪ خبر ئي لک لهي ۽ سڄي مواد کان مٿي آهي جيتوڻيڪ ٻيو مواد به پنهنجي ليکي ڪو بي اثر ڪونهي خاص ڪري تنهنجا غزل ۽ سنڌري جي ڪونج پرچي جي لکيل شعر جو (ڪونج نه ڇپيو اتيئي) سڪايل جو ليک ساحر لڌيانوي تي، دلگير جا للت پد خاص ڪري سنڌس ڇوڻ ته آشاوادي شاعر آهيان جئن اسين ترقي پسند به چوندا آهيون. پڳونتي ڪکريجا جي سنڌ ڏارا ١٩٧١ ۾ ڇپيل موهن جي دڙي جي مهر اڄ ٣٠ سالن بعد به اثردار آهي. سنڌي جيوت جي کهاٽي تي لڳي.

بئنگلور جي ديوناگري سنڌي جي دلال سريچند جو رايو صفا غلط ۽ گمراه ڪندڙ آهي خاص ڪري سنڌس لفظ ته ''ٻوين پساهن تي ٻيل سنڌي منڙي ٻولي کي بچائڻ لاءِ ڪا راهه نڪري (ٻولي بچائڻ جي) ڪوڙ آهي ڇو جو سنڌي ٻوين پساهن تي ڪونهي مهاراشٽر ۽ گجرات (اڌ سنڌي آدم) ۾ ته اڌسوءَ ڪن سنڌي اِسڪول آهن ۽ سنڌي عربي لپي ۾ پڙهندڙ آهي ۽ هڪ به ٻاراڻ کان مئٽرڪ تائين ديوناگري اسڪول ڪونهي.

ڏکڻ ڀارت ۽ وچ ڀارت يو.پي. وغيره ۾ ته ٢-٣ لک به سنڌي نه ٿيندا هنن هنڌ اڪثر هنديءَ ۾ نڪرندڙ اخبارون آهن پر گجرات ۽ مهاراشٽرا ۾ سنڌي عربي ۾ ٢٥-٣٠ هفتيوار ٢٠-٢٥ مخزنون ۽ ١٠٠ کان مٿي لکندڙ آهن. ديوناگري سنڌي وارا ٻيو ورهاڱو ٿا چاهين، جنهن ۾ ٥٠ سالن ۾ ناڪام ٿيا آهن. جئه سنڌي

اي.جي. اُتم



وِشواسُ

لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'

جڏهن اسين ٢٨ مارچ ٢٠٠١ع تي راجستان ٽوئرزم ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن پاران ٺهيل ڳوٺ ۾ پهتاسين. هي ڳوٺ پڪر-ناگوڙ هاءِ وي تي آهي. سڄ پشڪر جي گهاٽي مان اولهه ۾ وڃي چڪو هو ڇوڏاري صرف شام جي روشنين جو واسو هو. اسان کي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت طرفان ۽ مرڪزي سرڪار جي راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد طرفان سترهين راشٽريه سنڌي ليکڪ سيمينار لاءِ سڏايو ويو هو. مون سان گڏ سڀا جو سنڌونگر جو سيڪريٽري شري هري پنڪج هو.

شام جو اٽڪل ساڍا ست ٿيا هوندا جو اسان ان دلفريب جهوپڙين جي گهيري ۾ داخل ٿياسين. ان وقت پنڊال ۾ اجان بحث چالو هو. شري هيري ٺڪر جي لکيل مقالي 'ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌ جي سنڌي ساهت ۾ هڪ جهڙايون ۽ علحدگيون.' تي ڪيترائي ڳالهائيندڙ سرگرم هئا. ان مهل شايد ڊاڪٽر ستيش روهڙا مائيڪ تي هو جو اسانکي سڀا جي جنرل سيڪريٽري شري لڇمڻ ڀمياڻي اچي ڪيڪاريو ۽ هٿ ۾ چاٻيون ڏنيون ته اسين وڃي SD-٢٧ جهوپڙي ۾ رهيون. اسانکي اچرج لڳو اِهو ڏسي ته هيءَ جهوپڙي نه پر جهوپڙي نما هڪ سپر-ڊيلڪس بنگلو هو جنهن جي پوءِ جاڻ پيئي ته سندس روزانو ڀاڙو اٽڪل ٤٥٠ رپيا هو. ضروري ڪم کان فارغ ٿي سنان پاڻي ڪري ۽ سامان کي ٺانئيڪو ڪري



سنڌو درشن اُتسو ۾ مارئي جي شرڪت

هر سال جيان هن سال پڻ ليهه لداخ ۾ سنڌو درشن اُتسو پهرين کان ٣ جون تائين ليهه (لداخ) ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ ڀارت جي الڳ الڳ صوبن جي ڪلچرل گروپن سان گڏ مارئي ڪلچرل گروپ پڻ شرڪت ڪئي مارئي جو (٨) ڪلاڪارن جو گروپ بہ شامل هو ٣٠ مئي صبح جو ڇهين بجي اندرا گانڌي هوائي اڏي تان وينا شرنگيءَ جي قيادت ۾ هي وفد روانو ٿيو ۽ چوٿين جون ٢٠٠١ع تي دهليءَ واپس پهتو. ٽن ڏينهن جي ان جشن ۾ وڏي تعداد ۾ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي گهرو کاتي جو وزير شري ايل ڪي آڏواڻي، جمو ڪشمير جو وڏو وزير ڊاڪٽر فاروق عبدالله، اتي جو گورنر، ڪلچر ۽ ٽوئرزم جو وزير آنت ڪمار، چمن لعل گپتا ۽ ٻيا وزير، ليهه لداخ جا چونڊيل نُمائندا ۽ هل ڪائونسل جا ميمبر فلم شخصيت امريش پوري وغيره.

سنڌو ڪناري ڪلچرل پوروگرام ۾ ليهه لداخ، جمون ڪشمير، بنگال، هماچل پرديش، اروڻاچل پرديش نارٿن زون جا ڪلاڪار ۽ مارئي ڪلچرل گروپ شرڪت ڪئي ٽن ڏينهن جي هن پروگرام ۾ ٻہ ڏينهن پولو گرائونڊ تي ڪلچرل گروپن پوگرام پيش ڪيو جتي هزارن جي تعداد ۾ فوجي، ۽ اتي جا مڪاني ماڻهو شامل هئا. آنترپرديش ۽ مٿين گروپن کانسواءِ مارئي ڪلچرل گروپ پڻ شرڪت ڪئي. جن ۾ ڳائيندڙ فنڪارا پدما گدواڻي، وينا شرنگي، راڌڪا واڌواڻي، ليلو جهانگياڻي، شالني ساگر، پنڪاج جيسواڻي، راجيندر ڪمار، پريم ڪمار شامل هئا.

ديش جي الڳ الڳ صوبن مان آيل ڪلچرل گروپن کي ليهه لداخ جو سيرُ پڻ ڪرايو ويو، جنهن ۾ پٿر صاحب گُردوارا ۽ شانتي استوپا ڪلاڪارن کي موهي وڌو.

٣ جون ٢٠٠١

شالني ساگر
پريس سيڪريٽري مارئي

غلطين لاءِ معافي ورتي جو اسان سنڌي هندن کي جلاوطن ٿيڻو پيو. ان وقت تہ اهو ٻڌي مون سان گڏ ٻين جون اکيون ۾ من ڀرجي آيا پر هاڻي بنگلاديش جي تازي واقعي جنهن ۾ پارٽي بي.ايس.ايف جي ١٦ جوانن کي جهڙي طرح ماريو ويو هو. کنهن بہ مسلمان مان وشواس نکري ويو آهي. بنگلا ديش کي بہ پنهنجن مان سهڻو پيو هو ۾ کين ڀارت آزادي وٺي ڏني هئي ۾ اُن جو ڦل اِجهو اِهو مليو هو.

مقالن جو دور وري شروع ٿيو. ’سنڌي ساهت ۾ دُرگهٽنا جا عناصر‘ جنهن کي شري ٻلديو مٽلاڻي، شري لکمي کلاڻيءَ جي زير صدارت پيش ڪيو. پوءِ منجهند جي ماني کانپوءِ چوٿين بئنڪ ۾ ”ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي جاتيءَ مٿان صوفي مت بدران الڳہ الڳہ متن جي اثر سبب، سنڌيت جي وجود کي خطرو ۾ سنڌي اديب جو ان ۾ رول.“ لڇمڻ ڀاٽيا پيش ڪيو ۾ صدارت ڪئي ٺاکر چاولا. بحث ۾ ڪي ٿوس ويچار ڪونہ پيش ٿيا. نوجوان ٿهي کي بہ وجهہ ڏنو ويو. ڪاروائي هلائي ومي سدارنگاڻي. سماپن سماروهہ جي صدارت شري کيرت ڪئي، هيري شيوڪاڻي سيمينار تي پنهنجو رايو پيش ڪيو ۾ آخر ۾ صدارتي نچوڙ ۾ سندر اگناڻي چيو تہ سڀا کي پنهنجو وجود آهي. ڀارڻ ايندو آهي ۾ ڀاڻ تي ڀاڙيندا سون. تاڙين ۾ ٺهڪن جي هلندي لڇمڻ ڀمڀاڻي لنبي تقرير جي عيوض ”ڌنيواد“ چئي سيمينار جي نہ وسرندڙ سماپتي ڪئي.

٣٠ مارچ ٢٠٠١ صبوح جو چانهہ وٽ گڏجي سيني هڪ ٻئي کان وداع ورتي، گهڻا ڊيليگيٽ تہ ملن سمجهان ٿو ٢٩ تاريخ ئي هليا ويا هئا. ۾ جيستائين ڪ اسان تيار ٿي سامان سيڙي ٻاهر مکيہ هنڌ تي اچون ان مهل تائين ڪافي وڃي چڪا هئا ۾ اسانکي ترسڻو پيو. سندر اگناڻي آسرو ڏنو تہ سندس ڪار جڏهن موٽندي تہ اَجمير بدران اسانکي پُشکر بس ڊيپو تائين پهچائيندي پوءِ اسان بس رستي اجمير تائين وڃي پئي سگهياسين.

مون کان اِهو ٻڌائڻ وسري ويو تہ هن آءُ هيترن ليکڪن ۾ شاعرن ۾ ٻين شخصيتن سان منهن منهان ٿيو هوس تہ کير، کير آهي ؟ سندن باري ۾ اخبارن ۾ مخزنن ۾ گهڻو ٻڌبو ۾ پڙهبو آهي پر هت سندن جي باري ڪافي ڄاڻ پيئي. ڪملا گوڪلاڻي چست ۾ چتر لڳي ۾ اهڙي لڳي ديا لعلچنداڻي عورتون اهڙيون بہ ڪڙيون تڙيون ٿينديون آهن اِها هتي ڄاڻ پيئي. گهٽ ريشمي رامناڻي ۾ ومي بہ ڪونہ هيون. وينا شرنگي کي تہ اڳہ سڃاڻان ۾ کيس گهڻو پڙهيو اٿم. سندر اَگناڻي کي گذريل ٣٠-٣٥ سالن کان سڃاڻان. هڪ سٺو ڪارٽونسٽ آهي ۾ هٺ آزاد اٿس. سندس اسڪيچنگ تمام سٺي آهي. مان

جڏهن واپس ورياسين تہ بحث بند ٿي چڪا هئا. اسان ڏٺو تہ ڪاڏي لاءِ لنبي لائين نهڻ چالو ٿي ويئي هئي. وري ٽيڪچند مست هرهڪ کي خالي صاف ٿيل ٿالهيون هٿن ۾ ڏيئي شيوا جو ڪاريہ ڪري رهيو هو.

رات جي ماني کانپوءِ هرڪو سنڌي سنگيت کي ٻڌڻ لاءِ ڪرسيون سيري اچي ٿلهي جي ويجهو ويهي رهيو ڪلام پيش ڪندڙ هئا مڪاني مسلم گائڪ هئا جن واهہ جو سنڌي ڪلام ٻڌايو. خوشي ۽ جنبش ۾ اچي سندن مٿان نوٽن جي گهور گهوارن ٿي. پلا ماحول بہ هو ڪافي سهاونو، هڪ تہ پشڪر جو مٿاهون پٽ ۽ مٿان ٿڌ لهڻ شروع ڪيو. هڪ گول چبوتڙي تي هو سنگيتڪار سنڌي سنگيت جو رس وٺائي رهيا هئا ۽ اسان سڀ ڪنهن چقمقي اثر هيٺ موج مستي ۾ اچي وياسين ۽ گهڻن نچڻ بہ شروع ڪيو.

اٽڪل ڏهين بجي رات جو مشاعرو شروع ٿيو جو ڪافي دير تائين رات جو هليو. هي مشاعرو بہ ٻاهر ميدان ۾ ٿيو چوڌاري چپر چانيل هئي. وچ مان پڪ سرن جا نهيل پيچڙا هڪ وڻندڙ نظارو پيش ڪري رهيا هئا. سڀ ڪرسين تي ويهجي ويا. ڪن ٿورن کي چڏي گهڻو ڪري سيني پنهنجو نالو ان مشاعري ۾ ڏنو جن ۾ گهڻو ڪري سڀ جون سڀ آيل جنس مونث بہ هيون. ڪن تہ ترنم ۾ بہ شعر چيو. شري ڍولڻ راهي واڳہ وس ۾ ڪري ويٺو هو. ۽ وقت جو وري سياپتي هو شري ارجن حاسد. رات جو هڪ وڳو هو تہ مشاعرو بند ڪيو ويو ۽ ائين ڍولڻ راهي ۽ مکي سوڏا اچا بہ ١٠ ڪن شاعر رهجي ويا پر مون شڪرانا ايشور جا مڃيا جو مونکي وارو مليو هو!

٢٩ مارچ ٢٠٠١ع تي وري صبوح جو سوير اشنان وغيره ڪري وري چانهہ تي گڏجاڻي ٿي. سڀ سيءَ ڪري سويٽرن ۽ ڪمبلن ۾ ويڙهيل هئا. ڪافي ڇهڇٽو متو. نيرن وغيره ڪري ٢٩ تاريخ جي پروگرام ۾ داخل ٿياسين. پر عجيب اتفاق ٿيو جنهن سيني حاضرين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ڄڻ آسمان مان نہ ڪي ديوتائون اچن اهڙي طرح گدوءَ جي غيب مان ٽي ڄڻا اچي ٽپڪيا، ہ آمريڪا مان هڪ ڪئنادا مان ا ٽيئي ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جا عيوضي ا وري ٽيئي خود جلاوطني !!! جي هئا سرو شري منورلغاري جو نوجوان هو. الطاف ميمڻ ۽ زاهد مخدوم. ۽ انهن سان گڏ هو دهلي مان نڪرندڙ ماهوار رسالي 'سنڌين جو سنسار' جو سمپادڪ شري گهنشيام هوتوملاڻي. هنن مسلم سڄڻن کي پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائيندو ڏسي گهڻن کي تہ اچرج لڳي رهيو تہ ڪي مسلمان بہ سنڌي ڳالهائيندا آهن. منورلغاريءَ تہ ٻئي هٿ جوڙي پنهنجن وڏن جي ڪيل

جيئڻ لاءِ وڏو سهارو آهي. اهو مون هت محسوس ڪيو. نه ته هيءَ ڌرتي جيئڻ لائق ڪونهي. ڦل جي چنتا ڪونه هئي صرف وشواس ئي نظر تي آيو. اعتقاد ۽ عقيدت هن ڌرتي جي انسان کي زنده رکي ويئي آهي. ائين نه آهي ته اهو ويساه صرف ڌرتي جي هن خاص طبقي ۾ مون ڏٺو مون ساڳئي ڏينهن رام نومي جي ڏينهن هئڻ ڪري هندن ۾ پڻ ڏٺو. هندن جي ڪا پيه هئي ڪولين ۽ ماڪوڙين وانگر درشن لاءِ ڪاهي پيا هئا. ٻئي ڏينهن اخبار ۾ ٢٥٠٠٠ شرڌالن جو انگ آيو هو. ساڳوئي نمونو رام نام جو جپ. مورتن ۽ بوتن کي هٿ جوڙڻ. قطارو قطارون جن ۾ زالون مرد، ٻڍا ۽ ٻار به هئا. شرڌالو ئي شرڌالو ٿي نظر آيا. دير سان اٽڪل ١٠ بجي واپس ڌرمشالا ۾ وريا سين. خريداري وغيره به ڪئي. ڪپڙا، ساڙهيون، پنجابي ڊريسون، مڻايون وغيره. الهاسنگر جي ڀيٽ ۾ اجمير ۾ اڌ ٻها تي ٿي مليا. اسان هت پٽاٽي جي چولن سوڌي چاپ ڪائڻ لاءِ ورتي جا هڪ وڏي دوني ۾ پريل ڪناري تائين تار ٿيل هئي. ٻنهي الڳ الڳ ڪاڏي. مون سمجهيو ته هرهڪ جا ١٢، ١٢ رپيا وٺندا انڪري مون ڪيس روڪڙا ڏهين ڏهين جا ٣ نوٽ ڏنا. هو اچرج ۾ پئجي ويو ۽ پڻ اسانکي به اچرج ۾ وڌائي جڏهن صرف هڪ ڏهين جو نوٽ وٺي ماڳهين به روپئي جا سڪا واپس ڏنا. يعني چئين روپئي هڪ دونو!

٣١ مارچ ٢٠٠١ع اٽڪل ٣٠-٩ بجي صبوح جو اسان ڌرمشالا ڇڏي. جيئن اسان ١١ بجي واري ساڳي اَپ اروالي ايڪسپريس پڪڙي سگهون. ڌرمشالا وارن صرف اڌ ڪلاڪ جي لاءِ پوري ڏينهن جي مسواڙ ٤٠ (ڪل ٨٠ رپيا) رپيا ورتي جا مون پنڪج کي آٿر ڏيندي چيو ته سمجهه دان ڪئي. اجمير اسٽيشن تي پارهن ۾ ڏهه منٽ جئپور ڪان اُها اراولي ايڪسپريس آئي ۽ اسان پنهنجي مقرر سيٽن تي وڃي ويٺاسون. گاڏي کي هلڻ ۾ ٢٠ منٽ لڳا جو ڪين بم وغيره جي چڪاس ڪرڻي هئي. اسان جي گاڏي مان به ٣ چار پوليس جا ماڻهو ڪتي سان لنگهي ويا جو نوس نوس ڪندو اڳتي هلندو ٿي ويو.

اسانجي گاڏي هلي رهي هئي. اسان به اُن ۾ هلي رهيا هئاسين. هري پنڪج راتوڪي بخار ڪري سمهي رهيو پر منهنجي ويچار جي ڌارا وهي رهي هئي. گذريل ٤،٥ ڏينهن جي ٿيل واقعن، ڳالهين جي باري ۾ درگاه جي باري ۾، رام مندر جي باري ۾، انسان جي وشواس جي باري ۾، مان سوچي ئي رهيو هو ته مون ڪان ڇرڪ نڪتو ۽ مان ليٽيل هوندي سڌو ٿي ويٺس. اهو سوچي ته رام مندر ۾ مونکي هڪ به پوليس وارو نظر نه آيو؟

سمجهان ٿو تہ چترڪاريءَ لاءِ انعام هن کي بہ ملڻ کپندو هو. گهڻ ڳالهائو (Chatter Box) ۽ اجايو لاڏلو لڳو.ان جي ابتڙ وري لڇمڻ پمپاٽي پڳوان پڌ وانگر شانت چت وارو پنهنجي ڪم ۾ لين ۽ گنڀيرتا جو سوامي لڳو. هيرو ٺڪر بہ مونکي نهٺو لڳو. ڊولڻ راهي اهڙي طرح مشاعرو پيش ڪري سگهي ٿو مون کان واهہ ! واهہ ! ٿي نڪري ارجن حاسد پلي اندر جو حاسد هجي خبر ڪونهي پر مونکي سيہ لڳو وغيره.

پوري ١١ بجي سندر اگناڻي جي دنبي ڪار اچي ويئي. جنهن اسانکي پشڪر بس ڊيپو پهچايو ۽ پوءِ بس ۾ چڙهي اجمير اسٽيشن پهتاسين. ڪي وات تي لهي ويا. پر ديا لعلچنداڻي ۽ هيرو ٺڪر پتني سميت اڳتي وڌي هليا ويا. اسان آٽو رڪشا رستي پڇائيندا پڇائيندا اچي امر شهيد سنت ڪنوررام ڌرمشالا ۾ اچي داخل ڪيو جو اجمير جي درگاهہ ۽ بيو ڪڇ ڏسڻو هو ۽ پڻ خريداري ڪرڻي هئي.

٤٠ رپئي روز مسواڙ جي حساب سان هن ڌرمشالا ۾ ٢ ماڙي تي ١٥ نمبر ڪوٺي ملي. جنهن ۾ بہ بستر هئا سوڙن سوڌا ۽ هر ڪنهن ڳالهہ جي سهوليت هئي. ٢٠ رپئي ويلي سان ٽفن جو بندوبست ٿيل هو. جيڪو اسان ٻنهي هري پنڪج ۽ مون هڪ مان ئي پورائو ڪيو. ٿڌ ايتري جو منجهند جو ٢ بجي بہ سوڙ پائي سمهي پياسين. اٽڪل ٥ بجي شام جو ٿهي سنيري خريداري وغيره ۽ درگاهہ ڏسڻ لاءِ نڪتاسين. درگاهہ ڏسڻ جو گهڻو شونق صرف هري پنڪج کي هو ان بهاني مون بہ ڏٺي. ٣ مارچ هڪ تہ جمع جو ڏينهن ٻيو عرس جو مهنو زبردست پيڙ هئي. آس پاس جيڪي بہ دڪان يا اسٽال هئا صرف مسلمانن جا هئا. شرڌالن مٿان چڻ لامارا پئي ڏنائون. پوليس جو بندوبست بہ زبردست هو. درگاهہ کان ڪلوميٽر جي قطر ۾ چوڌاري پوليس جو بندوبست هو ۽ درگاهہ جي اندر پڻ جتي ڪٿي پوليس ئي پوليس ٿي نظر آئي : ديگيون ڏسڻ، اندر گهرڻ لاءِ، شرڌالو سنگمرمر جي پنن ۽ فرش کي چمي رهيا هئا. قطارون ئي ٿي نظر آيون. ديگيون ڏسڻ، اندر گهرڻ لاءِ. شرڌالو سنگمرمر جي پنن ۽ فرش کي چمڻ سان گڏ زور بہ ڏئي رهيا هئا. جتي ڪٿي اردو ۾ ”يا الله“، بسم الله، الرحيم، الرحمان لکيل هئا. اُڪريل هئا. هري پنڪج ٢٠ روپئي ۾ گلن جي ٿالهي ۽ اگربتيون ورتيون هيون ۽ ان مکيہ قطار ۾ وچي بيٺو جيڪا چستي جي قبر طرف پيئي وڃي ويئي. انسانن ۾ ايڏو وشواس مون هتي ڏٺو. مان سمجهان تہ وشواس جي سهاري هر انسان هلي ٿو پلجي ٿو نہ تہ شايد

نويس، ناول نويس، ناٽڪ نويس، نقاد ۽ شاعر بہ آهي. موهن بہ اهڙو هڪ خوشنصيب ليکڪ آهي جو ڪهاڻيون، مضمون ۽ تاريخ تہ لکي اٿس پر نيون ڪوتائون بہ خلقيون اٿس. پوءِ اهو سوال پيو آهي تہ سندس رچنائون من تي ڪهڙو اثر ڇڏيون ٿيون.

ٻيون ”مئل“ ليکڪ آهي سنڌي نئين ادب جي ٽمورتيءَ جي هڪ مورت لال پشپ جنهن ڪهاڻين ۽ تنقيد جي کيتر ۾ چاهي اُپنياس جي ميدان ۾ بہ ڪافي قلم هلايو هو ستر جي ڏهاڪي ۾. هن جي هڪ ناول ”من جي آتم جو موت“ ساهت اڪادميءَ جو پرسڪار هٿ ڪيو هو ۽ ان کان پوءِ لال پشپ خود پنهنجو ئي موت آڻي ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو هن اعلان ڪيو تہ هن جيڪي بہ رچنائون رچيون آهن، انهن مڙني تان هو هٿ کڻي ٿو ۽ قلم ڦٽو ٿو ڪري. هن قلم تہ ڦٽو ڪونہ ڪيو، البت سنڌيءَ ۾ لکڻ بند ڪري انگريزيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ ”سنڌي انٽرنئشنل“ نالي هڪ ماهوار مخزن شروع ڪيائين جا اڄ ڪافي مقبول ٿي چڪي آهي. پر هن مهني ۾ لال پشپ وري سنڌيءَ ڏانهن موٽ ڪاڍي آهي ۽ جن رچنائن تان هٿ ڪنيو اٿائين، انهن کي وري پنهنجو ڪري رهيو آهي. هن ”لال پشپ ساهت مالا“ شروع ڪئي آهي جنهن جو پهريون ڪتاب آهي ”لال پشپ - هڪ اپياس“ ۽ اهو سمپادن ڪيو آهي پاونگر جي نامديو تاراچنداڻي. ان ۾ سنڌيءَ جي جد جدا ليکڪن جا لال پشپ جي اڳ ڇپيل رچنائن تي پنهنجا ويچار ڏنا آهن. لال اعلان ڪيو آهي تہ هو سال ۾ پنهنجي ساهت مالا جا ٽي ڪتاب ٽن سون رپين ۾ ڏيندو رهندو.

ٽهاڻي ڏسجي تہ پيو ”مئل“ ليکڪ هريش واسواڻي ڪڏهن ٿو ڪر موڙي اُٿي کڙو ٿئي. کين سنڌالاجيءَ وارن کيس هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيو آهي. هن جي ڪالم ڪانسواءِ رچنا مخزن ۾ سي پيئي لڳندي آهي.

اٺين تہ هڪ پيو ”مئل“ ليکڪ بہ جاڳيو آهي ۽ اهو آهي دهليءَ جو آنند کيماڻي جنهن جي نين ڪهاڻين ڪافي کلبلي مچائي هئي ۽ جنهن جي تنقيد ۾ طاقت هوندي هئي ۽ جو موهن ڪلپنا سان ”ادبي ائي ڏکر“ راند ڪندو هو. هنجي بہ اڳ لکيل تنقيدي مضمونن جو هڪ مجموعو ڇپيو آهي ”بدلجندڙ دؤرو ۽ تنقيد“

هڪ ڳالهہ وري جيئرو ٿيڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. مشهور ناول نگار ۽ نوبيل

پراڻي بوتل ۾ ڪاڪ ٽيل
”مئل“ ليکڪ جاڳي اُٿيا

ايل. ڊي.

جنۡ ليکڪن گذريل ٽيهن پنجٽيهن سالن کان وٺي ساهت ۾ ٻوليءَ جي شيوا لاءِ قلم ڪنيو ئي ڪونهي، انهن کي اي.جي. اُتم ”مئل“ ليکڪ ڪوٺيندو آهي. پر ڏسجي ٿو ته اهي ”مئل“ ليکڪ وري اُٿي کڙا ٿيا آهن ۽ ساهت تي پوري زور سان ڪلڪراني ڪري رهيا آهن. پهريون ”مئل“ ليکڪ آهي دهليءَ جو رام امرلال پنجواڻي، جو ورهاڱي کان اڳ سٺو قلمڪار هو ۽ ڪراچيءَ جي مينارام هاسٽل ۾ ادبي سنگت جي سرگرمين ۾ به ڀهرو وٺندو هو. ٽن چئن سالن کان وٺي هن قلم کي هٿن ۾ کنيو آهي ۽ ”هندواسي“ ۾ نيمت طور جدا جدا موضوعن تي لکندو رهندو آهي. ايترو آهي ته گهڻي وقت کان پوءِ قلم هٿ ۾ کڻندي به هن جي ٻوليءَ ۾ ڪو خاص فرق نظر نه آيو آهي. البت هو هر ليک ۾ پاڻ سان گڏ پنهنجي سرڳواسڻ پتنيءَ جو به ڀيڪو نالو جوڙيندو رهندو آهي ۽ هن هڪ سٺو معلوماتي ڪتاب به ڇپايو آهي ”سنڌ“ (رگ ويد کان وٺي شيخ اياز تائين).

ٻيو ”مئل“ ليکڪ آهي خود اُتم جو ساٿي موهن گيهاڻي، جنهن چڱي وقت کان وٺي وچي ڊبئي وسائي آهي. سٺ جي ڏهاڪي جي پهرين سالن ۾ هن جو قلم جو تيز هلندو هو ۽ هڪ مارڪسوادي ليکڪ سڏيو ويندو هو. هن ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون هيون. پر پوءِ ٽيهارو سال سانت تي ويو. اوچتو ڪر موڙي اُٿيو آهي ۽ هڪ ٻئي پنيان ٽي مجموعا شايع ڪرائي چڪو آهي. هن جو هڪ ڪتاب آهي ”سنڌ جي تاريخ جو جائزو“ ان ۾ هن البت پارت ۾ ڇپيل تاريخن جو سهارو نه ورتو آهي ۽ سنڌ ۾ ڇپيل تاريخي ڪتابن جو آڌار ورتو آهي. ان هوندي به ڪتاب ڪافي معلوماتي آهي. هن جو ٻيو ڪتاب آهي ڪن مضمونن جو مجموعو ۽ اِهي سڀ مضمون سٺ جي ڏهاڪي ۾ لکيل ۽ ڇپيل آهن. هن جو ٽيون ڪتاب آهي ”منهنجو نگر کهڙو ؟؟“ اهو موهن جي نين ڪوتائن جو مجموعو آهي. اڄ سنڌي ليکڪن لاءِ اها هڪ خوش قسمتي آهي جو هرفن مولا آهن. هو ڪهاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي سوڀ

ورهاڱي کانپوءِ هي پهريون دفعو آهي جو سنڌين لاءِ ڏياري سچ پچ ڏياري ٿي آئي آهي. هن ڀيري جيڪا اسانکي ڏياريءَ تي خوشي ٿي آهي، سا اڳ ڪڏهن نه هئي. اڄ ۱۵، ۱٦ سالن جي سخت جفاڪشيءَ سان هلايل هلچل کي نيٺ سوڀ ملي آهي. هند سرڪار هاڻي سنڌي ٻوليءَ کي، ڀارتي جوڙجڪ ۾ ٻين ۱۴ ٻولين سان گڏ برابريءَ جو درجو ڏيڻ قبوليو آهي، جنهن کان اسانکي ۱٦ سالن کان وٺي وانجهيو ويو هو. انڪري اسين سنڌي ڇڙ نڌڻڪا پيا لڳندا هئاسين.

اڄ ڀاڳمرادو سنڌي ٻولي تعليمي تحرڪ جو اتهاس اکين اڳيان پيو ڦري. ۲٦ جنوري، ۱۹۵۰ تي هندستان جو نئون جوڙجڪ بحال ڪيو ويو، جنهن ۾ ۱۴ ٻولين کي مادرن ٻوليون ڪري تسليم ڪيو ويو. سنڌي انهن ٻولين مان هڪ نه ٿي سگهي، جو جوڙجڪ ٺهڻ وقت، جيڪي اسانجا سنڌي اڳوان اتي حاضر هئا، تن اهڙي گهر ئي نه ڪئي ڇو ته هنن جو ويچار هو ته اسين سنڌي هندستان ۾ جدا جدا هنڌن تي ٽڙي پکڙجي جذب ٿي وڃون. ليڪن عام سنڌي جنتا هنن سان شاملراءِ نه هئي. اُن جي صحيح رهنمائي ڪرڻ لاءِ ٻيا ميدان تي آيا، جيڪي هئا، نوجوان ترقي پسند ليکڪ، ڪي ٿورا بزرگ ليکڪ، ودوان ۽ تعليم دان جن هن بي انصافيءَ جي للڪار کي قبول ڪيو.

پر ڪابه هلچل جماعتبنديءَ کانسواءِ مشڪل ڪامياب ٿيندي آهي ۽ پهرين پهرين سنڌي ساهتڪ سنسٿا جنهن ڀارت ۾ جنوري ۱۹۴۹ ۾ جنم ورتو، سا هئي، "سنڌي ساهت منڊل" جنهن جو پهريون نالو هو "نئون ساهت منڊل" جنهنجو مکيه روح روان هو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، جيڪو ڪيترا سال اُنجو لڳاتار پريزيڊنٽ رهيو. ان منڊل ڀاران سنڌي ٻوليءَ

پرائيز جي وجيت ارينسٽ هيمنگهي خود هڪ بيان ۾ چيو آهي تہ انين جولاءِ ١٩١٨ تي هو هڪ بمبازيءَ ۾ سخت گهايل ٿيو هو. هن محسوس ڪيو تہ هن جي شرير مان آتما اهڙيءَ طرح نڪتي جهڙيءَ طرح ڪيسي مان ڪو ريشمي رومال نڪرندو آهي ۽ پوءِ هڪ پترڪار دوست وٽان چڪر هڻي واپس اچي سندن شرير ۾ پيئي ۽ هو جيئرو ٿي اُٿيو.''

اهڙو آزمودو مشهور ليکڪ مارڪ ٽوني ۽ نوبيل پرائيز وجيتائن وگيانين ڊاڪٽر اليڪن ڪئريل ۽ ڊاڪٽر رچٽ بہ پنهنجي پنهنجي ليکي بيان ڪيو آهي.

سو هي ''مئل'' ليک جي ڪن ڪارٽن ڪري خود ئي ''مئل'' حالت ۾ پئجي ويا، اهي جي سالن کان پوءِ جاڳي اُٿن تہ ان ۾ ڪهڙو عجب ؟

(جهوليلال ١٨-٤-٢٠٠١ ۾ شايع ٿيل ۽
ايل.ڊي. رچنداڻي جي مهرباني سان)

جي ليکڪن جي دهليءَ ۾ جدا جدا هنڌن تي سنڌين طرفان آجيان ڪئي ويئي، جنهن جو ذڪر ۽ اثر هندواسيءَ جي ٢٠-١-١٩٥٧ واري پرچي ۾ لڇمڻ نهالچنداڻي جي ليکه 'هاڻي دهلي جاڳي آهي' مان ظاهر آهي. هن لکيو، '... سفارت جي اڳوان ۽ سنڌي نثر جي ودوان پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جهڙا بزرگ، اُتم جهڙا آلوچڪ، سندري اُتمچنداڻي ۽ ڪلا پرڪاش جهڙيون ليکڪائون، پرسرام ضيا، موتي پرڪاش، ارجن شاد پارا نوجوان شاعر حاضر هجن، اُتي ڀلا روح کي راحت ڇو نه اچي! من کي موج ڪيئن نه اچي! (هنن ڪانسواءِ ڪلپنا، موهن گيهاڻي، هري پنڪج، گوپ گولاڻي، جيوت جوت پڻ بمبئيءَ مان آيل هئا - سمپادڪ) .... رڳو اسانجي منڙي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي ديس جي تسليم ڪيل ٻين ٻولين ۽ ايشيائي ساهتڪارن ۾ مقبوليت ملي ۽ انهن کي سنڌي ڀاشا جي اوچ ساهت جي شاهوڪاري جي سمڪ پوي فقط ان نيڪ ۽ ساراه جوڳي ڀاونا ۽ لگن ڪان متاثر ٿي پنهنجي ڳنڍ جا ڀاڙا خرچي به بمبئيءَ ڪان ڪهي راڄڌانيءَ ۾ آيا، لاشڪ ان لاءِ هنن داد لهڻو ... ٨ سال اڳ بمبئيءَ جي سنڌي ڪلاڪارن ۾ ساهتڪارن، سنڌي ڀاشا، ساهت، ڪلا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ لاءِ جيڪو به اوائلي اُدم ڪيو ۽ اڄ ڏينهن تائين برابر ڪندا رهيا آهن، اهو وسارڻ جو ناهي .... هاڻي دهليءَ جي سنڌين ۾ به اُتساه جاڳيو آهي ... هاڻي دهلي جاڳي آهي.'

دهلي خوب جاڳي. هئي سال ١٩٥٧ ۾ ئي ڊسمبر ۾ سنڌي ٻولي ڪنوينشن ڪوٺايائون، ١٩٥٨ ۾ وري بمبئيءَ ۾ اهڙو سميلن ٿيو. پر ١٩٥٩ جو ناگپور سميلن هو، جتي مرڪزي سنسٿا، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا جو جنم ٿيو، جنهن جو جنرل سيڪريٽري اُتم چونڊيو ويو جو چار سال رهيو. اُن ڪچڙي ٻوٽي (سڀا) کي ڪُچلڻ لاءِ ڪن خود غرض جي

جي تسليميءَ لاءِ هلچل هلائڻ لاءِ پنجن نوجوان اديبن - گوبند مالهي، گوبند پنجابي، اي. جي. اُتم، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ موتي پرڪاش جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن ڪي ٿن مهنن جي اندر هن هلچل جي باري ۾ ڪنوينشن ڪوٺائڻ جو ڪم رکيو ويو (پڙهي ڏسو ٢٩-٤-١٩٥٢ جي هندستان اخبار) ڊسمبر ١٩٥١ ۾ بمبئيءَ ۾ منڊل جي پهرين ساليانه ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. جنهن ۾ سنڌي ٻولي تسليمي ٺهراءُ بحال ڪيو ويو، جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ٽئين ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي. منڊل جي ٻي ڪانفرنس ١٩٥٢ ۾ ٿي جتي وڏي ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ منڊل کان ٻاهر جي معزز اديبن ۽ عالمن جو سهڪار وٺڻ لاءِ وڏي ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن طرفان ١٩٥٣ ۽ ١٩٥٥ ۾ ٽين چوٿين ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي جن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اکل ڀارت بنياد تي ڪا ڪانفرنس ڪوٺائجي. ان ڪانپوءِ منڊل جي ساڻ سان شري اجواڻيءَ جي صدارت هيٺ سنڌي ٻولي سڀا (١٩٥٥) به ٺهي جنهن ٻولي ڪميشن کي چٺو ڏنو. پر هيلتائين هيءَ سڄي هلچل گهڻو تڻو بمبئيءَ تائين محدود هئي، جيتوڻيڪ اُنجو اڻسڌو اثر ٻين هنڌن تي به پيو پئي. ليڪن شاهي اثر ٿيو تڏهن جڏهن دهليءَ ۾ ڊسمبر ١٩٥٦ ۾ ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌي ليکڪن جي سفارت (جن مان گهڻا ۽ سرگرم بمبئيءَ جا هئا) شريڪ ٿي، جا، تعداد ۾، هندي، اُردو ۽ پنجابي ليکڪن ڪانپوءِ وڏي سفارت هئي. بمبئيءَ مان شريڪ ٿيل ليکڪن جو اثر دهليءَ جي سنڌي ليکڪن، عالمن ۽ اڳوانن تي بجليءَ جهڙو ٿيو. ڊاڪٽر چوئٿرام جو به ڪانفرنس ۾ آيل هو، تنهن سان ڪانفرنس هلنديءَ سندس ڏنل چانهه تي، بمبئيءَ جي ليکڪن جو خوب بحث مباحثو ٿيو ۽ صاف ڏسڻ ۾ آيو ته هاڻي هن ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي قائم رهڻ جي اُميد ۽ وشواس جاڳڻ لڳو هو. بمبئيءَ

سنڌ جو صورت حال

(شري گوبند پنجابي ڏانهن خط)

اسان سيني جا پيارا دادا گوبند،

سدائين خوش هجو سموري پريوار سميت ....


اسين توهانجي دعائن ۽ ڏٽيءَ جي ڪرم سان خيريت سان آهيون توڙي جو گذريل ڏينهن ڏاڍا حراس ۽ ٽينشن ۾ گذريا پر رب رحم ڪيو ... ڪيترا پروگرام اڌورا رهجي ويا. پائو ٺاڪر چاولا وارن سان به ملڻ نه ٿي سگهيو، اِهو ڏک يا عمر رهندم.


مضان واري عيد به اسپتالن ۾ گذري، جو اِرم جي يارهن مهينن جي پُٽ روهم عرف چيزل کي مينن‌جائٽس وارو خوفناڪ بخار ٿي پيو. رات ڏينهن اُن جي پريشاني ۾ رهياسين، شڪر آهي جو بروقت علاج ٿيڻ ڪري پوريءَ طرح صحت ياب ٿي ويو. ان ٽينشن مان نڪتاسين ته ۲۵ جنوري روهم جو پهريون برٿ ڊي هو ان مهل ’پوڪم‘ جو هلڪو جهٽڪو محسوس ٿيو پئي ڏنهن سوا ائين بجي صبح جو زبردست جهٽڪا آيا. ڪيترا ڏينهن سڄو شهر خوفزده رهيو. اسان جي پاڙي ۾ ٺي هڪ عمارت ڊهي پئي. اُن ۾ به ٻار مري ويا. توهانجي مناڻي جيڪا ڊسمبر ۾ رواني ڪئي هيوَ سان اسانکي هڪ مهينو چار ڏينهن ڪان پوءِ ملي، شڪر جو فِرج ۾ رکيل هئي تنهنڪري خراب ٿيڻ ڪان بچي وئي. اُنهن ماڻهن ڪوجا ڪالوني مان فون ڪيو ته ’گهرائي وٺو‘ پوءِ محبوب صاحب ڪائن وٺي آيو. توهانجو خط به هو. سيني مناڻي ڪائي سجائي ڪئي ۽ سيني کي وٺي.

ان بعد ڪتاب جلدي پريس مان آجو ڪرڻ جي چڪر ۾ لڳي ويس. پوڪم جي ڪري ان کي به ظاهر ٿيڻ ۾ ٿورا ڏينهن ٿي ويا. پبليشر کي چيم ته جلدي ڪتاب ڪڍ ته چاولا ڪان مهورت ڪرايان ۽ ان ئي هٿان ڪجهه ڪاپيون انڊيا موڪليان. پبلشر ويچاري وعده موجب ۱۸ فيبروري ڪتاب تيار ڪري ڏنو. ۱۸ ۽ ۱۹ تاريخ محبوب، زلزلي سبب واٽر ٽينڪ ۾ پيل ڏارن جي مزورن ۽ پلمبرن ڪان رپئير ڪرائي. جن ان کي سيمنٽ تي ڪيو رنگ لاءِ پاڻي ڏيندو رهڻ لاءِ چيو. ۲۰ فيبروري جيئن ئي اسانجي گهر ۾ ڪم ڪندڙ نينگري پاڻيءَ جو لوٽو ٽانڪيءَ تي هاريو ته ڪجهه چندا اسانجي باونڊريءَ سان لڳ هڪ بينڪ مينيجر جي گهر وڃي ڪريا. نتيجي ۾ گهر ڌياڻي جنهن جي مون ڪڏهن صورت ئي ناهي ڏٺي مڇرجي پئي

ناپاڪ ڪوشش کي مٽيءَ ۾ ملائي هڪ مضبوط وڻ بڻايو ويو آهي، اهو حال ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. ان سڀا جي وجود بعد ئي سنڌي ٻوليءَ تسليميءَ جي تحرڪ کي زبردست هٿي ملي آهي، اڄ پروفيسر ناگراڻيءَ جي رهبريءَ ۾ اسانجي اهائي اڪيلي عيوضي جماعت آهي، جنهن سڄي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اُتساه ۽ سجاڳي بہ پيدا ڪئي آهي، تہ موٽ ۾ جدا جدا هنڌن جي سنڌي سنسائن ۽ اڳوانن جو سهڪار بہ حاصل ڪيو آهي جنهنڪري ئي اسانکي سوڀ ملي. پر ان تي راضي ٿي نہ وهٽو آهي، اڳي جيان ڪم ڪرڻو آهي، جئن ان سوڀ جو اسانجي قوم کي پورو پورو فائدو ملي.

سمپادڪي ويچار (ڏياري پرچو، نئين دنيا ١٩٦٦)





جهوناڳڙهه

✍ ڪشنچند گلاڻي ”ديپڪ“

جيڪڏهن ڏنو وڃي ته اڄ ڪلهه جهوناڳڙهه کي مشهور ڪيو آهي ٽي.وي. تي هلندڙ هڪ سيريل ”ڪيون ڪي ساس به ڪيي بهو ٿي.“ جنهن جي هڪ نائڪا دڪشا گهٽو ڪري جهوناڳڙهه کي ياد ڪندي آهي. ڇو ته اتان جي آهي، ائين ته پاڪستان ٺهڻ وقت جهوناڳڙهه جو لوٽ مار جو سامان هٿ سنڌونگر ۾ گهڻا ڪٽي آيا هئا ۽ اڃي ڏنڊا ڪوليا هئاون.

مان اڪثر جهوناڳڙهه ويندو آهيان، آزاديءَ کان اڳ نوابن جي هيٺ هو. نواب ته راتورات ڀڄي ويو. شهر قلعي جي اندر هو. قليل قوليل هو. سمي پئي شهر جو حدون ۽ قلعي جون ديوارون نابود ٿي ويون. جهوناڳڙهه کان ويراول، بانٽوا، ڪتيانا ۽ سومنات به وڃي سگهجي ٿو. سومنات اتهاسڪ مندر آهي جو عيسيٰ کان به اڳي جو جڙيل آهي. هٽ ٽن ندين جو سنگم مشهور آهي. هتي ڀڳوان ڪرشن کي پير ۾ تير لڳو هو. اهو چتر مان خبر پوي ٿي. شهر کي ۵ شاهي دروازا، ۵ شاهي باغ آهن. ڀوتنات مندر، سوامي نارائڻ مندر، جين مندر شهر جي وچ ۾ آهن. شهر کان ٻاهر سنت جالارام جو آشرم ميلن ۾ ڦهليل آهي. دامودر ڪنڊ جتي ڀڳت نرسي مهتا کي سنان ڪرايو ويندو آهي.

ديون چونڪ وٽ ميوزم نهيل آهي جتي نوابن جا فوٽا ۽ هٿيار رکيل آهن. شاهه نوازخان ڀٽو ۽ سندس گود ۾ وينل پٽ زلفيقار ڀٽو ڏنم جو پوءِ پاڪستان جو پرڌان منتري ٿيو. جانورن جو باغ جو سرڪاري هيو ۽ گربيلو جو گر جي شينهن کان مشهور آهي هتان نزديڪ آهي. پر ڪونه ڏنو جو بندش پيل آهي. گرنار جبل تي پهچڻ لاءِ ۹۹۹۹ ڏاڪا چڙهڻا ٿي پيا. ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. هيٺ لهي وري مٿي چڙهه. پهرين منزل تي گورو گورکنات جو آستان، ٻي منزل تي امبي ماتا جو مندر ۽ ٽين منزل تي سواميءَ .. جو چاڪڙيون رکيل آهن. ٻڌم ته گرنار جبل جي ٻئي پاسي راءِ ڏياچ، سورٺ ۽ بيجل جا کي نشان آهن. جي پڙپانگه ٿيا پيا آهن.

اپرڪوٽ ۾ راڻي راڻڪ ديوي جو محل هو. ڪوٽ ۾ هو صرف ڀتيون رهيل هيون. ڪڇهريءَ جي جاءِ. توبون اوچو ڳاٽ ڪري بيٺيون هيون. هتان سڄو شهر ڏسي سگهجي ٿو. هيٺتي ڏاڪا لهبو ته نوگڻي کوهه آهي ڏسي دنگ رهجي ويس. ٻڌم ته اندران غفا آهي جا آگري تي پهچائي، ڇا ته هوا هئي هن کوهه ۾ ڪبوترن جي گٽر گون آنند پئه ڏنو. جنگ وقت سڄو شهر اڃي هتي لڪندو هو. هٽ لشڪر ۽ بچاءُ جو بندوبست سٺو آهي پر هاڻ پڙپانگه ڪنڌهرنما آهي.

آدم اٽڪل ۴ لک آهي جنهن ۾ سنڌي اٽڪل ۱۰ هزار ٿيندا، جي عام طرح گجراتي پيا ڳالهائين ۽ پڙهن لکن. اٽڪل ۱۰ ڏينهن کن رهيس ۽ بس رستي ممبئي ۾ گهاٽڪوپر ۾ اچي لٿس.



۾ مردن کي اسان ڏي وڃڻ لاءِ موڪليو.
مرد (پيءُ ۽ پٽ) ڪٽر مذهبي ۽ تبليغي جماعت سان تعلق رکندڙ پڻ آهن. جن اچڻ سان در تي گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ته اسان سان چرچ ڪئي اَتو. عرشد ڳ وڙ تي ٻاهر آيو ۽ سبب پڇڻ لڳو ته اُن سان به وڙهي پيا. نتيجي ۾ هن به ڏک هنيا جو پهريائين ڪيس ڏک هنيائون. بهانو ٽينڪ جو هو پر حقيقت ۾ هو گهر تي قبضو ڪرڻ پيا چاهين به ڏيڍ مهنو اڳ محبوب کي چيائون ته اسان توهانجي باؤنڊري تي ڇت رکي اسٽور ٺا ٺاهڻ چاهيون. محبوب شريف ماڻهو آهي جنهن ڪيس اجازت ڏيئي ڇڏي. پوءِ ته اِهو اسٽور ڇڻ هنن لاءِ مورچو ثابت ٿيو. اِهو ٺهڻ دوران ڏينهن ۾ اٽ اٽ پيرا پاڻي هاري ۽ سيمينٽ اُڇلي اسانجي باؤنڊري ۾ پاڻي جي ٻوڏ آڻي ڇڏيندا هئا پر اسان پاڙي جي ڳالهه سمجهي نظر انداز ڪندا رهياسين. پاڻي ائين اُڇليندا هئا جو درين مان ڪمري ۾ اچي ويندو هو. رسيءَ تي وڌل سڪڻ لاءِ ڪپڙا به آلا ٿي ويندا هئا. ڪم واري نينگري ڪين چيو به ته ٻڌائي پوءِ پاڻي اُڇليو ته جيئن اسين سُڪڻ لاءِ وڌل ڪپڙا رسيءَ تان ڪٽون يا دريون بند ڪريون پر اُنهن ڪا پرواه نه ڪئي. خير دادا پوءِ ته پوليسون هيون- آرمي هئي. اسان ٢٠ تاريخ ڪان حسن جي گهر وڃي رهياسين. عيد ڪان هڪ ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي گهر موٽيا آهيون. اسانجا به ڪانٽيڪٽس ڏسي هاڻ هو حراسان آهن ۽ ماڻهن کي ٺاهه ڪرائڻ لاءِ چون پيا. مرشد کي مارائڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو هئائون، نينگريون ٺهر ۾ سامان ٽرو ڪٽڻ اچن ته اچي ويا ڪري باؤنڊرن تي چڙهي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. هاڻ فيصلو ڪمشنر وٽ رکيل آهي. عيد هئڻ ڪري تاريخ رهجي وئي. اسان وڪيل به ڪيو آهي. اِهي ماڻهو هونءَ به ڏاڍا جنوني آهن. ٻن سالن ڪان اسان جي پويان باؤنڊري لڳ گهر خريد ڪري اچي ويٺا آهن. ڏهه سال اڳ جڏهن ان سوسائٽي ۾ اسين اچي گهر ٺهرائي رهيا هئاسين ته خالي پلاٽ هئا. جن تي پوءِ ڪيترن ئي رشوتي، پوءِ ڀاڙين ۽ بدمست ماڻهن گهر ٺهرايا ۽ ان سوسائٽيءَ جي ساک کي ڇيهو رسايو. فون خراب آهي موبائيل تي حالي ڪم هلندو آهي. ٢٠ ڏينهن ڪان منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي. ڪنگهه ۽ آواز ويهي رهيو آهي. نه ته ڪانٽيڪ ڪريان ها.
اُميد ته اوهان خوش هوندا - ڪتاب اُماڻيا پَئي پهچ ڏجو. سلام دعائون سڀني کي.
اوهانجي ڏيءُ
ماهتاب
(٨-٢-٢٠٠١) حيدرآبدا سند

اکين ۾ سوال پريندي ڏانهن نهاريم.

ماءُ چيو، ''سيٺ ڀڳوانداس جي ڇوڪري آسان ڏسي آيا آهيون. ڇوڪري ناهي، چنڊ جو ٽڪر آهي. تنهن کانسواءِ سشيل، نهٺي ۽ هڏ وريل آهي. ٻٽائتي خاندان جي به آهي.''

پيءُ چيو، ''آسان تنهنجو مڱڻو اُتي ڪرڻ جو ويچار ڪيو آهي. پر آهين ضدي، متان پوءِ پرائي ڄائيءَ کي ڏُکي ڪرين، اِن ڪري توکان پڇڻ ضروري سمجهيوسون.''

''بابا، ڇوڪري ڏسڻ کانسواءِ مان ڪا به ڳالهه ڪونه ٿو مڃيندس.''

''پر آسانجي ٻٽائتي خاندان ۾ ڪنهن شاديءَ کان اڳ پنهنجي ڪنوار ڏٺي آهي؟''

''ڀل ڪنهن نه ڏٺي هجي. مان ته ڏسندس.''

۽ لاچار ڇوڪري مونکي ڏيکاري ويئي سو به هڪ دفعو نه، به ٽي دفعا. اُنسان ڳالهائڻ ٻولهائڻ به مجبورن ڏنو ويو. هڪ ڏينهن سيٺ ڀڳوانداس پڇيو، ''پٽ، نيٺ مصري ڪڏهن موڪليون؟''

''سائين توهانجي ڌيٽري برابر گئون آهي پر مونکي ڳالهه ٻڌايو ته هوءَ ضد ڪري سگهندي آهي، مڙس تي حڪم هلائڻ جي توفيق اَٿس؟''

جواب منهنجي پيءُ ڏنو، ''نه پٽ، بيحد نهٺي ڇوڪري آهي ۽ تنهنجي سياءُ سان ٽڪر ڪونه کائيندي . تون ڪو به خيال نه ڪر.''

ماڻ ڪلي اندرئين ڪمري ۾ هليو ويس ۽ ماءُ کي چيم، ''ياپي، مان پنهنجو ساٿي پاڻ ٻولهيندس. هينئر تڪڙ ڪونه اَٿم. هنن کي جواب ڏي.''

ماڻهون مونکي سمجهن ئي ڪونه ٿا! مان پنهنجي ضدي سياءُ مان تنگ آهيان، بيحد تنگ! جنهن به ڏينهن ضد ڪري مان پنهنجي تمنا پوري ڪندو آهيان، ماڻهو اُن ڏينهن مونکي خوش سمجهندا آهن پر اِهو ته مان ٿو ڄاڻان نه ته مان اُن وقت اُندر ئي اَندر ۾ ڪيترو ناخوش ٿي ويندو آهيان. هميشه ضد پوري ٿيڻ ڪري مان بيحد چڙواڳ ٿي پيو آهيان ۽ من ماني ڪندي ڪيتريون غير واجبي گهرون به پوريون ڪيون اَٿم، جن تي اَفسوس به ٿيندو اَٿم. مان اهو اَفسوس نٿو چاهيان، بيواجب ڳالهه ڪرڻ نٿو چاهيان.

مان چاهيانٿو مونتي ڪو ظابطو رکي، مونکي پنهنجي حڪم ۾ هلائي، مونتي راڄ ڪري، نه ته ته مان تباه ٿي ويندس. بي لغام مست گهوڙي وانگر ڊوڙندي ڪنهن اونهي کڏ ۾ ڪِري پوندس.

ضدي

هري پنڪج



مون زندگيءَ ۾ هميشه ضد ڪيو آهي، هر ڪنهن سان ضد ڪيو آهي. ماءُ پيءُ سان، ڀائرن ڀينرن سان، دوستن سان ۽ ٻيا جيڪي به منهنجي زندگيءَ ۾ آيا آهن تن سان. ضد ڪرڻ منهنجو سڀاءُ آهي. جيڪا به چيز حاصل ڪرڻ چاهي اٿم، جيڪا ڳالهه ڪرڻ چاهي اٿم، ڪئي اٿم. مون ڪنهن به مڙڻ نه چاهيو آهي ۽ اِنڪري ئي منهنجا سڀ مِٽر مونکي بيحد خراب ماڻهو ۽ آيماني سمجهندا آهن. اِنڪري مونکي هڪ به دل-گهريو دوست ڪونه آهي.

ضد ڪرڻ هڪ بيحد خراب عادت آهي، اِهو مان به سمجهان ٿو. پر مان به ڇا ڪريان؟ ضد ڪرڻ منهنجو سڀاءُ آهي جنهنکي مان ته ڪنهن به حالت ۾ ٽاري نٿو سگهان. ها باقي ڪو ٻيو هجي جيڪو مونتي ڇانئجي وڃي ۽ مونکي نيچو نوائي ته پوءِ ممڪن آهي منهنجو اِهو ٻانوڙ هميشه لاءِ ٽلي وڃي. پر ڪالهه تائين ته اهڙو ڪو به منهنجي زندگيءَ ۾ ڪونه آيو آهي. سوچيم شايد اُهو جيون ساٿي هجي جيڪو مونکي پيار ڪري ۽ جنهنکي مان پيار ڪريان.

هڪ ڏينهن ماءُ پيءُ سامهون وهاري چيو، ''پٽ، تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين ۽ ڪمائين به ٿو. توکي هاڻي شادي ڪرڻي پوندي.''

مان ڪولابا ۾ رهندي آهيان. هيءَ منهنجي ائڊريس ٽفن واري کي ڏج، سمجهيءِ؟ ۽ هو صاحب اڄ اَڌ ڏينهن موڪل وٺي ويو آهي هنجي ٽفن جو بندوبست ڪرڻ.''

''غرور بہ بيحد اَٽس. چئيتئ، 'سينئر بي. اي پڙهندي آهيان، وڏي خانداني گهر جي آهيان. هتي مُهنو ڪن نوڪري ڪنديس من بهلائڻ لاءِ، جيستائين وئڪيشن اَٽم.''

شهاڻي اڄ کُلي پيو، ''غرور ڇو نہ ٿيندس! زلفن ۾ ڪانٽا نہ، قدم اَٽس، جي اکيچار نيڻ لتاڙيندا ٿا وڃن. ڪارين ڏگهين اکين جي نهار، نهار نہ اَٽس جڻ ڪارين گهٽائن ۾ وڄ جو چمڪات اَٽس. ماڻهن جون دليون انڪائي ٿي هلي. اَڇڻ سان ئي مسڪراهٽن جون سنهيون برساتيون وسائڻ شروع ڪيون اَٽائين. پوءِ جي حڪمن جي ڪجهہ گجگوڙ ٿي تہ اُها بہ هر ڪنهن کي مٺي لڳندي.''

''اڙي شهاڻي، تو پارٽ ٽائيم ڏنڊو ڇڏي شاعري ڪرڻ ڪڏهن کان شروع ڪئي ري؟''

هڪڙي نہ پهہ چيو، ''جڏهن کان شاعرن، هئڙين ڇوڪرين کي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعري ڇڏي واپار ۾ اَچي ناڻو ڪمائڻ شروع ڪيو، ڪيئن شاعر صاحب.''

شهاڻيءَ مونکي، پنيءَ تي ٿپڪي هڻندي چيو، ''اري، پر تون ڇو ڏکرن ۾ پئجي ويو آهين. مونکي خبر آهي تہ تون شاعري ڇڏڻ وارو ڪونہ آهين ۽ هوءَ بہ ڪولابا جي ڇوڪري آهي. ڪولابا جي ڇوڪرين کي شاعرن جا هوائي محل ڪونہ کپن.''

پر مان بلڪل خاموش رهيس. من ۾ وري غرور پيدا ٿيو پر اُن جي هينئين تهہ ۾ خبر نہ آهي ڪيئن هڪ اَڻلکي خوشيءَ ڪر موڙيا.

ٻئي ڏينهن مسٽر رول صحي ڪرڻ وقت هنسان ملاقات ٿي. پڇيائين، ''هتي تہ هيترا مسٽر رول پيا آهن. منهنجو نالو ڪهڙي ۾ هوندو، مسٽر؟''

سندس آواز منو تہ هو پر ساڳئي وقت حاڪماڻو هو. مون هڪ ڪن ڏانهس نهاريو. مسڪرايائين. بند گل، جڻ يڪدم ئي پنکڙيون کولي ڇڏيون... نازڪ، لعل ۽ دلڪش. پر مون آواز ۾ نرمي ڪونہ پري. حاڪماڻي نوع ۾ پڇيومانس '' تنهنجو نالو ڇا هي؟''

''ريڪا.''

''صرف ريڪا؟''

''ريڪا کتري.''

ٻيا سڀ ناڪامياب ويا آهن. هينئر صرف هڪ شخصيت ۾ اُميد آهي ۽ اُهو آهي منهنجو جيون ساٿي. مون وٽ اُنجو بہ هڪ تصور آهي. جيڪو اُن تصور تي پوري طرح اُتري ايندو، منهنجي ڪلپنا سان جڇي ويندو، اُهو منهنجو پريم حاصل ڪري سگهندو.

سمپورن پريم! ۽ پوءِ جيون جو سڀ ڪجهہ ڪيس اَرپڻ ڪري مان پنهنجو وجود ئي مٽائي ڇڏيندس.

ها، مونکي خوبصورت ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئڻ سان گڏ اهنڪاري، هٺيلي ۽ ضدي پتني کپي.

مونکي ديوداس جي پاروتيءَ جهڙي پريتما کپي.

سيٺ ڀڳوانداس جي ڏيءُ ڪانپوءِ ڪيترين ٻيون بہ آيون پر اُنهن ۾ پارو ڪونہ هئي.

آفيس جي ٽفن روم ۾ پنج ڇهہ دوست ماني کائي رهيا هئاسون. اوچتو هڪڙي ٻئي کي ٺونٺ ھٹي اکين جي اِشاري سان دريءَ طرف ڏيان ڇڪائيندي چيو، ”اِها آتيئي اَسانجي آفيس جي نئين ڇوڪري.“

اَسان سڀني جو ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويو. پوري پني رنگ جي پر سڊول بدن ۽ بيحد دلڪش روشن واري ڪماري بيٺي هئي. هڪ پٽيوالي کي هٿ جي اِشاري سان سڏ ڪيائين ۽ سندس مٿر پر ڏيمو ۽ ڪردي آواز اَسانجي ڪنن تي پيو، ”تنهنجو نالو ڇاهي؟“

هن هٻڪندي چيس، ”راجو.“

مُسڪرائيندي چيائين، ”بيحد خوبصورت آهي تنهنجو نالو. ڇڙو ٻڌ، ٻاهران هوٽل واري کان منهنجي لاءِ ماني وٺي ليڊيز ٽفن روم ۾ اَچ. جلدي. سمجهيءِ؟“

پاڻي پيري ڏيڻ تيٰ اعتراض وننڌ اُهو پٽيوالو لڳ ڀڳ ڊڪندو ٻاهر هليو ويو.

مونکانسواءِ ٻين سڀني دٻيل ٽهڪ ڏنو. هڪڙي چيو، ”ڇوڪري ناهي جل ڦتاڪو آ جل ڦتاڪو!“

ٻئي چيو ”هيءَ آئي نہ آهي، ڄڻ طوفان آيو آهي آفيس ۾.“

”اَڄڻ سان ئي حڪم هلائڻ شروع ڪيا اٿائين. هو جيڪو پاڻ کي انگريزي خاندان جو سمجهندو آهي، جئڪسن، نہ نہ، جئڪ. تنهنکي اَڄ چيائين، ’ٻڌ جئڪ، منهنجي ٽفن گهرائڻ جو بندوبست توکي ڪرڻو آهي.

تي وئينءَ چا؟''

''نہ، مون شعرن ۾ پنهنجي زندگي پاتي آهي. هوئن مونکي صرف نرتيہ ايندو آهي.''

''مونکي شعر صرف پڙهڻ ... اهن. شاعر کونہ آهيان.''

هن وري ٺهڪ ڏنو ۽ چيائين، ''چڱو شام جو ايند يس.''

''چانهہ مون وٽ پيئڇ.''

''مان چانهہ کونہ پيئندي آهيان.''

''چانهہ جو مطلب صرف چانهہ کونہ ٿيندو آهي. ڪوڪو ڪولا، گولڊ اِسپاٽ...''

''چڱو.'' چئي هوءَ تيز چال سان هلي ويئي.

سيڪشن ۾ گهريس تہ سيني جي اکين ۾ شرارت پريل ڏٺم. هرڪو گڏ مارننگ ڪري رهيو هو. هرڪو هٿ ملائي رهيو هو. ۽ مان ٺهڪ ڏيئي پنهنجي ڪرسيءَ تي وڃي ويٺس.

شهاڻيءَ چيو، ''اَڄ تون آفيس جو ڪم نہ ڪري، بہ شعر لکج.''

مهاتري چيو، ''اڙي، هوءَ سيني سان فري هلندي آهي. ستيش ڪي هرويرو غلطفهميءَ جو شڪار نہ ٿيڻ گهرجي.''

ڪُلڪرنيءَ چيو، ''خبر تڏهن پوندوَ جڏهن سيني جي وڃمان اُڏائي ويندو هنکي.''

سيني ٺهڪ ڏنو. مون ميز تي زور سان مڪ هڻندي چيو، ''خاموش. خبردار جي شام جو ڪنهن ڪابہ مسخري ڪئي آهي. هوءَ هتي مون وٽ چانهہ پيئڻ ايندي.''

''سندس پاڳين، اَسانکي بہ ڏِڪ ملندو، ڪن نہ؟''

''ضرور.''

۽ مان پنهنجي آفيس جي ڪم ڪي لڳي ويس. منجهند تائين جيڪو ڪم ڪيم اِنچارج کي ڏيئي ماني کائڻ ويس ۽ جڏهن موٽي آيس تڏهن اِنچارج مرڪي چيو، ''مسٽر ستيش، اَڄ تو هڪ فائيل ۾ غلطيون ڪيون آهن. من نڪاڻي ڪونہ اٿيئي. وري ڪر.''

برابر. اَڄ من حد کان وڌيڪ چنچل ٿي پيو هوم. سمجهان بہ پيو تہ ڪا خاص ڳالهہ ڪونہ ٿي آهي. پوءِ بہ خبر نہ آهي ڇو، ڪم ۾ من لڳوئي نٿي. هر هر ڪنڌ ورائي گهڙيال ڏانهن پئي ڏٺم.

''ڪهڙي سيڪشن ۾ ڪم ڪندي آهين؟''
''مونکي ڪهڙي خبر. اَڃا ڪالهه هن آفيس ۾ آئي آهيان.''
''ته اَڄ نالو ٻولڻ ۾ پنهنجو ڏينهن پورو ڪر.''
هوءَ ڪي ڪن ته منهنجو منهن تڪيندي رهي. چهري تي حاڪمانٽي غرور جو ريکائون ڪجهه هلڪيون ٿيس. ليڪن يڪدم ئي اُنهن کي وري تنيندي ، هڪ ڪلارڪ کان پڇيائين، '' مسٽر، مان ڪهڙي سيڪشن ۾ ڪم ڪندي آهيان؟''
اُهو ڪلارڪ گويا اِهي اهڙي حڪم لاءِ واجهائي رهيو هو. يڪدم ئي اُن سيڪشن جو مسٽر رول کولي سندس نالو ڏيکاريندي چيائين، ''پرچيز سيڪشن ۾. اِجهو توهانجو نالو.''
ريکا صحي ڪئي ۽ هن ڏانهن مسڪرائي چيائين، ''مهرباني.''
۽ هن ڪلارڪ پنهنجو جيون سڦلو ٿيل سمجهيو.
پنهنجي پنهنجي سيڪشن ڏانهن ويندي آسان ٿورو نڪر گڏوگڏ هلي رهيا هئاسون. هٿ ۾ ڪتاب ڏسي چيومانس، ''لڳي ته غالب جي شعرن جو ڪتاب ٿو.''
''ها، مونکي شعرن پڙهڻ جو بيحد شونق آهي.''
''مير پڙهيو اٿيئي؟''
''نه، پر ٻڌو اَٿم. ڏاڍا رومانٽڪ شعر لکيا هئائين ۽ سندس طرز-ي- بياني به خوب آهي.''
''ها. پڙهندينءَ؟ مون وٽ آٿيئي.''
''ها، ضرور پڙهنديس. شام تائين موڪليندا؟''
''موڪلڻ ٻوڪلڻ مان ڪونه ڄاڻان. ڪپيئي ته اَچي سيڪشن مان وٺي وڃ.''
''چڱو مان ايينديس. پر توهانجو سيڪشن؟''
اُن وقت اسان، مون واري سيڪشن وٽ پهچي ويا هئاسون.
پنهنجو سيڪشن ۽ دريءَ وٽ رکيل پنهنجي ٽيبل ڏيکاريندي چيومانس، ''هيءَ منهنجي ٽيبل آهي. اهڙي جڳهه تي رکيل آهي جو رستي کان لنگهندي منهنجيءَ ڪرسيءَ تي نظرون اُڇلائڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهندينءَ.''
۽ آسان ٻنهين ٺهڪ ڏنو. ويندي ويندي رکجي ويئي. پڇيائين، ''پاڻ ۾ ايترو وشواس اَٿو.''
''بلڪل.''
''اهڙو غرور ته ڪلاڪارن کي هوندو آهي. توهان شاعر آهيو؟''
''تنهنجي هٿ ۾ ديوان-ي-غالب آهي تنهنڪري تون شاعرا

مونتي حڪم هلائڻ جو خبر نہ آهي ڪيس حق ڪنهن ڏنو هو. پر نہ، شايد مون ئي ڏنو هومانس. سندس هر حڪم مڃيندو جو آيس ٿي. مان بہ ڇا ڪريان؟ حجت پريا حڪم ٽارڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪونهي.

۽ هڪ ڏينهن هٻڪندي چيائين، ''صرف مان ئي توهان وٽ ايندي آهيان.''

''سو ڇا؟''

''ماڻهو سمجهندا هوندا منهنجي توهان ۾ گتي آهي، تہ مان توهانکي چاهيان ٿي...'' ۽ سندس نظرون پنهنجي هٿن جي ڏگهن ڳاڙهن نهن ۾ کُپي وييون.

''ماڻهو پل پيا بڪ ڪن.''

''پر سياڻي ڪان توهانکي مون وٽ اَچڻو پوندو.'' سندس هن نئين حڪم ۾ هڪ عجيب اَنداز پريل هو، شوخي ڪونہ هئي، مذرتا هئي، اِلتجا هئي.

پر منهنجو اهنڪاري جذبو جاڳي اُٿيو. پڇيومانس، ''ڇو؟ ماڻهن ڪي اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ مان بہ توکي چاهيان ٿو؟''

سندس چهرو لعل ٿي ويو. شرم ڪان، لڄ ڪان، حياءَ ڪان. سندس چهري تي ٽن چئن لعل موهيڙن ۾ اَچان بہ رنگہ پرجي ويو. پر مون اُنکي جاٽي واٽي نظر انداز ڪري ڇڏيو ۽ چيومانس، ''پر مان تو وٽ نہ ايندس.''

هن چهرو مٿي ڪري پڇيو، ''ڇو؟''

''مونکي سنو نتو لڳي.''

پنهنجي غصي کي دٻائيندي چيائين، ''صرف مان ئي توهان وٽ اَچان، اِهو مونکي بہ سنو نتو لڳي.''

۽ مان چئي وينس، ''تہ نہ اَچ.''

پر اِنهن چئن اکرن طوفان پيدا ڪري ڇڏيو. هوءَ اُٿي ڪڙي ٿي. شوخ نظرن سان هڪ پل لاءِ هن منهنجي چهري ۾ گهوري نهاريو ۽ پوءِ، ''ڇڙو''، چئي طوفان جي تيزيءَ سان سيڪشن مان نڪري ويئي. گولڊ اِسپاٽ اُتيئي پيئي رهي.

منهنجي اندر ۾ جيڪو ضدي شخص هو ...

سو ... پڇاڙ ڪائي ڪري پيو ...

۽ مري ويو ...

◆○◆○◆○◆○◆○◆

ساڏا ڏي ٿيا. هوءَ سامهون ايندي نظر آئي ۽ پوءِ اُسانجي سيڪشن ۾ گهڙي، مسڪرائيندي اَچي منهنجي پاسي واري ڪرسيءَ تي ويٺي. سڄي سيڪشن ۾ شانتي ڇانئجي ويئي ۽ صرف ظاهري طور هرڪو پنهنجن فائيلن ۾ منهن وجهي ويٺو هو. ريڪا حاڪماڻي نوع ۾ چيو، ”گولڊ اِسپاٽ.“

”وري حڪم؟“

”مان حڪم هلائڻ تي هريل آهيان.“

”پر مون وٽ حڪم نہ هلندءِ.“

”هيءُ حڪم توهانکي مٺڙو ئي پوندو. دعوت ڏني اٿوَ ۽ سائي وقت مان توهانکي سزا بہ ڏيانٿي.“

”ڇاجي؟“

”ڪوڙ ڳالهائڻ جي. منهنجي پاسي واري ڪلارڪ ٻيديءَ مونکي توهانجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي تہ توهان شاعر آهيو. سٺا سٺا شعر لکندا آهيو، جي ڇپجندا بہ آهن ۽ ماڻهن کي پسند بہ پوندا آهن. پر توهان اهنڪاري آهيو، اَيماني آهيو. ضدي آهيو، تہ توهان بي. اي جا ٽرمس رکي بہ امتحان ڪونہ ڏنو جو توهانجو پروفيسر سان ٻولي جي چوڪ تي ٽڪر لڳو هو، جنهن پوءِ خراب روپ اختيار ڪيو. پر توهانکي اِن طرح پنهنجي وڏاري تي روڪڻ جو ڪوبہ حق ڪونہ آهي. هن دفعي توهانکي مونسان گڏ امتحان ڏيڻو ئي پوندو، سمجهيوَ؟“

اهو تہ سندس صرف پهريون نمبر حڪم هو. هوءَ ڪتاب وٺي ويئي، وري ڏيڻ آئي، وري ٻيو وٺي ويئي ۽ ان طرح هوءَ ايندي هئي. مسڪرائيندي اچي وهندي هئي ۽ پوءِ خبر نہ آهي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڇڙي پونديون هيون، نہ ڪٽنڌڙ لنبيون ڳالهيون، غير سلسليوار ڳالهيون ۽ هر وقت ڪو نہ ڪو حڪم ٻڌڻو ئي پوندو هو. مٺڙو ئي پوندو هو. هوءَ حڪم هلائيندي اکين تي ڪريل وارن جي ڇڳہ کي ناز سان هٽائيندي هئي. مسڪرائيندي هئي، اکين جي پلڪن کي پنپوريءَ جي سنهڙن پرن وانگر ڦرڙائيندي هئي،

’وئڪيشن ڪانپوءِ سڄو سال اِمتحان جي تياري ڪرڻي اٿوَ.‘

’توهانجا لکيل شعر پڪيءَ ڊائريءَ تي مان پاڻ اُتاريندس ۽ اُهي بہ جيڪي مونکي سٺا لڳندا. باقي ٻيا رديءَ ٽوڪريءَ ۾ ڦٽي ڪنديس.‘

’اَڄ ڪالهہ گرمي آهي. ٽاءِ جي ڊبل ناٽ نہ، سنگل ناٽ ٻڌندا ڪريو.‘

’ڪپڙا سٺا نہ پائي آيءَ تہ مان آفيس مان واپس موڪليندسانوَ.‘

غزل

■ پيتامبر جوڏاڻي

١- هن نالي ۾ منهنجي گهر جو گند به شامل آهي
شايد تنهنجي ڇهري تي پڻ منهنجو ئي سَلُ آهي

٢- ڇو مان ٿو ڇڙ ڇڙ ۾ گذاريان موقعي يا بي موقعي
مان ئي ٿو اٿڪان جنهن سان منهنجو موهه لڳل آهي

٣- پاسي وارن جو جهڳڙو ڇو مونکي پيو ڏوڏائي
جهڳڙي طرف رولاڪو پنهنجي ئي دل آهي

٤- حال بگاڙيو پنهنجو ويٺي آئينده جي چنتا
يا نه اچي ويو سامهون منهنجي معاضي جو پل آهي

٥- ڪو نه ڏسي ڇپ چاپ ڳهڙي هڪ مان ڪري اچ ويهي
گپ ۾ پيو ڪلندو ٽڙندو ڪيئن ڪمل گل آهي

(پتو عرض تي وڌو ويو)

Add : 3-C-G (74-C)
Vijay Nagar,
Indore (M.P.)-452 010.
Tel. : 0734-570912

رام ليلا

■ موتيرام هيراننداڻي ”موتي“

١- هڪ جيلر جيل جو عهديدارُ
هو سچي عمر تي رهيو سچارُ

٢- هئو رام ڀڳت، نه پاپ ڪندو هو
نِت رامائڻ جو، جاپ ڪندو هو

٣-ٿي هن سان هڪ ڏينهن اهڙي ڪار
اوچتو سسپينڊ ڪيس سرڪار

٤- پڇيم ’تون پيارا ! ڪر اَحوال
ڇو ٿي آٿ تو سان اهڙي ڳالهه ؟

٥- ڇيائين ’نياڳي لڳي ڏياري
رام ليلا پئي ڀلي نباري.

٦- ڏسي پيو خوش ٿيندو هو جيل
پر هڪ ڏينهن ويو بگڙجي کيل

٧- مون لڇمڻ تي ڏيکاريو جوش
تير ڪائي ٿيو هوس بيهوش

٨- تي هنومان هڪ قيدي جهونو
لڳائي ويو سيني کي چونو

٩- ڪٽڻ ويو آ سنجيوني بوٽي
نه آجان آيو آ واپس موٽي.

غزل

■ ناگراڻي ديوي

١. ڪوئي نہ ٿو ڪنهنجي ٻڌي، هرڪو هتي پنهنجي چوي
ڪنهنجي ٻُڌي، ڪنهنجي ٻُڌان، ٻوڙو ڪيو دانهُن.

٢. دل جي مڌر هن ساز تي، سُر تال جي آڌار تي
ڪوئي ٻُڌائيج راڳہ دل ڇيڙي نئي سرگم


٣. پئسو هتي ايمان آ، ايمان پيءِ ۽ مان آ
پئسي ڀُنيان دنيا چري، ناٿو ڪٿي پيو گهم

٤. بازن تي هل ياري پلي، شيخي ڏيدرج حين ڪي
واعدا نہ ڪر ايڏا وڏا، ٿورو پلي ڪجهہ ڪمُ

٥. آ جشن اڄ هتہ جيت جو، ماتم سُيان ڪنهن هارجو
سوئي ڪٽي ٿو، هار جو جنهنڪي نہ آ ڪو غمُ

٦. آهي حياتي هِڪُ سفر، آ موت جنهنجو همسفر
هِڪ ڪان جدا ٿيو ڪين آ، جيسين رهي ٿو دمُ.

٧. هر سواس ۾ هڪ آ ڪٽي، غوطو لڳائي سا ڪٽي
جهولي پري ديوي سدا، ڏن ۾ رهج هردم.



غزل

■ واسديو نرمل، ممبئي

١. ڪنهن جا جيءَ - جيئارا آهيون،
ڪنهن جي اکين جا تارا آهيون

٢. ڪوئي چوي سج، ڪوئي چوي چنڊ،
ڪنهن لاءِ صرف ستارا آهيون.

٣. ڪن جي ليکي پنيت آهيون
ڪن لاءِ صرف شرارا آهيون.

٤. ڪن لاءِ مُرڪ ٽِڪي مُکڙيءَ جي
ڪن لاءِ ٿهڪ اُڏارا آهيون.

٥. سالن جي خاموشيءَ ڪانپوءِ
اَڄ ڪُجهہ ڀهڪڻ وارا آهيون.

٦. توڙي صورت ڪاري اَٿئون، تہ بہ
دل جا مؤر نہ ڪارا آهيون

٧. ڪڏهن تہ چارو ڪوئي سُجهندو
چا ٿيو، اَڄ ويچارا آهيون

٨. خارن جي صحبت ۾ رهندي،
گل تي مهڪڻ وارا آهيون.

٩. اِئين وِساري ويٺا آهيو
دل تي جميل جڻ جارا آهيون

١٠. تو لاءِ ۽ ساڳيا آهيون نرمل
توٽي جڳ ڪان نيارا آهيون.



منهنجا غزل (١)

■ لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'

١- نا اميد آهيان ڏسي ڇوڌاري قدرتي قهر
ڪونہ سمجهو آهي ٿيندو، انسان اهڙي طرح بي گهر
٢- آهي ٿيندو ائين ڪيئن اهڙو قدرت جو ٻيو پاسو،
آهن سڪي جا ٻہ پاسا، ٻيو پاسو بہ آيو نظر
٣- ڏينهن سياري جا ۽ هي ڌرتي جو بي درد ڏڏڻ،
'نرڳ' نالو هو ٻڌل پر نرڳ بہ مخصوص ڪيو ڇوڌر
٤- چوندا آهن رحم دل تہ آهي ايشور سدائين
رحم دل آ تہ ڌرتي هميشہ ڇو ٿي آ دربدر
٥- چوندا آهن ''راڄ آهي شيطان جو'' مان نہ مڃان،
ٿو مڃان ٿو ڏئي انصاف ايشور جو آ ڏيندڙ
٦- جنم جنم کان هلندو اچي پيو هي ڪرمن جو ڦل
ٻارن ننڍن ڪيو ڏوهہ ڪهڙو ؟ آهي ڪرمن جو چڪر

(٢)

١- ڌرتي جو ڏڏڻ هڪ قهر خدائي
ڏسي هي سڀ تہ سڪيا ڪنهن نہ آئي.
٢- دنيا ڪونہ سڌرندي آ پڪ اِها،
ذات وسارڻ جي ورثي ورائي.
٣- جوڻ انسان جي ماڻڪ موتي،
تہ بہ رات جي ننڊ جي ٻڏي برائي.
٤- هي چنتا ماڻهن جي پاڻيءَ لاءِ
چنتا ماڻهن جي پر نہ اجائي.
٥- شيءَ پنهنجي سندر پل ڪيتري هجي،
تہ بہ وڻي ٿي ڇو چيز پرائي ؟



اصليت

ا- ڏيکاري هستي پنهنجي جيءُ جلائين تو
ڇو ڪري مستي پنهنجي اصليت کي ڀلائين تو

٢- پاڻي تہ هميشهہ هيٺائينءَ تي ئي آ نڪندو ؟
پوءِ سبب ڪهڙو متاهين تون چاهين تو

٣- محل ماڙيون اميرن جا ڏسين ٿو پيو ۽ بنگلا
ڪونہ بي گهر وارن ڏانهن نظر تون ڦيرائين تو

٤- زندگي تہ پريل آهي دکہ سکہ ساڻ ئي
پوءِ ڇو نہ ان کي صبر ساڻ ئي گهارين تو

٥- نہ سوچ برائي ڪنهن جي نہ ڪا وري غفلت
ڪڍي نفرت ڇو نہ پيار تون وڌائين تو

٦- وقت بادشاھ آ، دارا سڪندر پارا هليا ويا
بيڪار ٻڌجي ٿو پر نہ مالڪ سان لنوَ لڳائين تو.

٧- آيو آهين هن فاني دنيا ۾ صرف چئن ڏينهن لاءِ نون
پوءِ ڇو پيو اجايو پاڻ کي پڏائين تو.

الچند ٻنڀجا

نظم

■ ٽهل چنچلاڻي "چنچل"

١. هر پل زندگيءَ جي، آه لُڇي، ائين گذاريو
پل پل پريءَ جي پور ۾، بر ها جيان آگهاريو

٢- جنمن کان آ رشتو، ڀڳن کان سُڃاڻون تا،
ڪنهن کي چوان مان پنهنجو، ڪنهن کي چوان مان ڌاريو

٣. اَحسان مڃان سَوَ ٿو، ڳُڻ ڇور ڪين آهيان
شرم سار آهيان، قول هڪ بہ ڪين پاڙيو

٤. عقل ۾ اڪابر هان، ڪم تن سان پيو جڏهن هو
پتو پيم تڏهن، خالي اڳڻ پئي ٻهاريو

٥. حيرت جي حد لتاڙي، لحد تي پهچنديئي
پاتو ٿي تن کي ساريو، جن مون کي پئي سنڀاريو

٦- روم روم ۾ رمي ٿو، ٿيو پل نہ جو جُدا آ،
اهڙو خود خدا آ، مان ڪنهن لاءِ پاڻ ڀاريو.



سنڌو درشن، (... ڊسمبر ...)

(٥)

١- سر فروشيءَ جي تمنا، هندوستانيءَ ڪيُ هر پل ۾ آ،
گهٽ نہ سمجهو سپاهي امن ڪي جو سپاهي ٻل ۾ آ.
٢- ڇا بگاڙي دنيا وارا سگهندا ديش پيارت جو،
هي هندوستاني جن جي شڪتي جا سمايل دَل ۾ آ.
٣- چاهي هندو، چاهي مسلم يا هجي سکہ عيسائي،
هي ڀارتي، ايڪتا ۾ آهن، جل سمايل جل ۾ آ.
٤- ساموندي طوفان وانگر اُٿندا، گجگوڙون ڪندا،
وڌندا ويندا اُن شينهن وانگر جو هوندو جهنگل ۾ آ.
٥- خبردار آهي رهڻو ڀرشٽاچاري پارٽين کان،
سرفروشيءَ جي تمنا بدلي جا فروشي قل ۾ آ.
٦- اتهاس ڪي وري ڏسو، پڙهي ڏسو ۽ ڪڙهي ڏسو،
ڀرشٽاچاري پارٽيءَ ڪري، پيو ڀارت خلل ۾ آ.

(٦)

١- وساميل آهيون اسين، اڃان تہ دونهون آهي
نا اميد نہ آهيون، لڪل ڪٿي سونهون آهي
٢- وري دونهين مان جوت جلائيندو اڇي سونهون
مسئلو ٻولي متي آٽڻ جو اونهون آهي
٣- جهنگل جي باهہ وانگر وچڙي ويئي ٻوليءَ کي نفرت
سلسلو نفرت جو اڄ جو نہ پر جهونو آهي
٤- نفرت بہ نفرت آهي، سوبہ پنهنجي ٻوليءَ کان
جنهن سان رشتو ويجهو ٻين سان ڏورانهون آهي
٥- ڪڏهن تہ دونهون پيٽ تي پڙڪندو ان رڳہ مان
هوندو هڪ مونهون هونئن بہ مونهون آهي.

(٣)

١- هي ڪتابن جا ڍير کھڙي ڪم جا،
ڪونہ پڙھي ڪوئي تہ بہ ڇپجن پيا.
٢- پيا ڇپجن ائين، گھرج آ جڻ گھٽي،
پر پڪوڙائي ۾ ھين وٽ ملن ٿا.
٣- ڏسي ڏڪہ ڏاڍو تہ ٿيندو آ دل کي،
حال ھھڙو، سنڌي تہ بہ اٿاسا.
٤- آ جن نہ جذبات ماءُ جي ٻوليءَ لاءِ،
ڌاريءَ ٻوليءَ ۾ ڇا اُڪَ ڪارا ڪندا؟
٥- پنڌارا پرپور پوءِ بہ پيا پرجن،
ڌاري ٻوليءَ کي وچون وڌائيندا.
٦- جذبو ھئڻ کپي پنھنجي ٻوليءَ لاءِ،
دڪہ سڪہ ۾ ڏانھون ٻڌندا آھن پنھنجا.

(٤)

١- ڳولھيون پيا ٿا نون ليکڪن کي،
رات انڌيريءَ ۾ ڪڙڪبيتن کي.
٢- نوان تہ نکري نروار ٿيا آھن،
ڏسون ٿا آڪٽوبر جي ڪنيڙن کي.
٣- رڻاير ڪيل نوڪرين کان آجا،
پيو نہ تہ ورتو ليکڪ ٿي ليکن کي.
٤- چئون پيا سنڌي ٻولي ڪونہ ٻڌندي،
ڪيئن ترندي ۽ تاريندي ٻڏلن کي.
٥- مير بحر تاريندا وچ سير ۾ ٻيڙي،
اچڻ کپي اڳتي تہ نوجوانن کي.
٦- سج جي روشني ۾ ڪو، ڪونہ ٿو ليکي،
دويہ روشني ڏسي راھگيرن کي.

(٩)

١- گذارڻو وقت آ مونکي کيئن بہ کري،
اھڙو ڪجھ کري ڏيکو نہ بدنام ٿئي.
٢- صرف وقت گذارڻو ناھي ڪجھ ڪجي بہ،
جيو ديا ھجي دل ۾ انسانيت ھجي.
٣- شيوا جو انگ ھجي اھڙو جنھن ۾ تنھن ۾،
نسوارٿ پڻو ھجي جو ڪوئي واہ چوي.
٤- اھڙو ئي ڪجھ تہ ڪرڻ چاھيان ٿو مان،
چپ ڪري ويھڻ سان تہ نہ ڏيندو ڪجھ ويئي.
٥- اُتي ڪڙو ٿجي ڳالھيون ڪندي نہ ٿئي،
سوارٿ ۽ سوارٿ جي آجئہ چا ڪجي؟

(١٠)


١- اسان تہ اسان آھيون سائين،
اسان نہ توھان آھيون سائين.
٢- توھان، توھان پر، اسان اسان ا،
تضاد جا بيان آھيون سائين،
٣- اوھان اُپرندڙ، اسان اڀ لٿل،
سڄ ساڳيا سمان آھيون سائين.
٤- لھندڙ سج کي ڪو نھاري ڪونہ،
لھندڙ سج جيان آھيون سائين.
٥- توھان لھندي بہ اُپرندڙ ۽ اسان،
لھندڙ چنڊ ڪمان آھيون سائين.
٦- نئون چنڊ نھاريو ويندو آ،
سنجھا وقت نوان آھيون سائين.
٧- پل نہ ڇاڻون ڪجھ توھان سامھون،
چنڊ پورنمان آھيون سائين.

(٧)

١- هيءُ ماحول ۽ هيءَ جيئڻ هتي،
جيئڻ کان گھٽو اڳ مرڻ هتي.
٢- ڏِپ گاڏڙ آ جيئڻ ڪنهن جو به،
عجب اسانجو زندهه رهڻ هت.
٣- هر عمر ۾ دانهون ٿي پئيون،
پڻدي دانهون پيو ٿيڻ هتي.
٤- هاڻ جيئڻ جو انداز ڪهڙو،
هن دنيا جو ننڍو ٿيڻ هتي.
٥- پارتي تهذيب سا ڪٽي آ،
اولهه جي هوا جو لڳڻ هتي.
٦- هن هوا کان بچاءُ ته ڪھرجي ٿي،
ڪڏهن هوا کان به نه بچڻ هتي.
٧- مشڪل آ تمام ته مشڪل آ،
شل جادو لڪڙي جو گھمڻ هتي.

(٨)


١- ڪنهن لاءِ ڪي جو ڪي پولڻ سونهين نٿو،
اڪيون پوئي ته پنڌ پوڻ سونهين نٿو.
٢- ڪليل سچ گھٽا آهن مت، ڏينهن به هڪ،
ان هوندي اوندهه ۾ رهڻ سونهين نٿو.
٣- ڪن کي وري اڪيلو رهڻ آهي پسند،
بيابان ۾ اڪيلو وڃڻ سونهين نٿو.
٤- اڪيلائي ۾ سفر، ته سچ به ڪندو آهي،
سچ سان گڏ چنڊ جو اُپرڻ سونهين نٿو.
٥- اڪيلو آيو انسان، اڪيلو ويندو،
پوءِ به ائين اڪيلو رهڻ سونهين نٿو.



سرسوتي ندي

لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'

وئدڪ ڪال ۾ آريہ لوڪن لاءِ سڀ کان مکيہ ندي سرسوتي هئي. سرسوتي
جي ڪنني تي انهن لوڪن ڪيترا يگيہ ڪيا. سرسوتي کي ''ماءُ'' چيو. سرسوتي
انهن لاءِ ''نديتما'' يعني سڀ کان سريشٽ ندي هئي. اها سريشٽ سرسوتي
ندي بہ اچي سنڌو نديءَ ۾ چوڙ ڪندي هئي. رگ ويد ۾ لکيل آهي تہ سرسوتي
پهاڙن مان نڪري اچي سنڌو نديءَ ۾ پرتي تي ٿئي يا وري سمنڊ ۾ چوڙ تي
ڪري. ان ڪري سنڌو ندي جو ايڏو وڏو پيٽ ڏسي آريہ لوڪن سنڌو ندي کي
'سمنڊ' سڏيو. قديم سنڌ (پيرومل مهرچند) ۾ لکيل آهي تہ اڄ بہ سنڌو نديءَ
جو پيٽ ديري اسماعيل کان وٺي ڪالاباغ تائين ايڏو وڏو آهي جو ڪا ٻيڙي



نظريو سِکيا جو


■ اندرلال سوماڻي ''ويراڳي''

١- سِکُ گلن کان تون مسڪرائڻ پنورن کان تون ڳُن ڳُنائڻ
ڪن وڻن جي ٽارين کان سِکُ ڦل پائڻ ۽ پاڻ جهڪائڻ
٢- کير ۽ پاڻيءَ کان سِکُ پريم هڪ ٿِي سان وڌائڻ
ميهنديءَ جي پنن کان سِکُ چورڻ تي رنگُ لڳائڻ
٣- سئيءَ ۽ ڌاڳي کان سِکُ تون وڇڙيلن کي ملائڻ
سورج جي ڪرڻن کان سِکُ جاڳڻ ۽ ٻين کي جاڳائڻ
٤- ''ويراڳي'' سنتن جي واڻي کان، سِکُ آتم گيان وڌائڻ
جوڌن جي جيون مان سِکُ، ديش خاطر ڪُهڻ ۽ ڪُهائڻ

''شانت جو آنند''

■ چانڊومل رامپال ''وچڙيل''

١- پريوُ آهي شانت، پاءِ درشن شانت سان،
ويهڻ سِکُ شانت ۾، ساڌ قربن شانت سان.
٢- پڪڙ تون پريو مارگ، پهچ پريو مندر ۾ ان طرح سان،
وَٺُ شانتي جو ڌيان مارگ، پيٽ انتر مکن شانت سان.
٣- تي خالي وڪارن کان، پيهي پاڻ ۾ اي دوست،
هلڪو ڪر پنهنجي من کي، ڏيئي تن من شانت سان.



٤- تي نماڻو اندر ٻاهر، ڪري پوجا ۽ آرتي،
ماڻ مزو جو منُ ملنديءِ، ڪري ڪرتوتن شانت سان.
٥- ماڻ مشاهدو پريو سندو، ويهي پاڻ ۾ جهاتي پائي،
پريوُ اٿئي پورڻ آنند، تي ور سخن شانت سان.
٦- ذڪر ۽ فقر اٿئي شانت ۾، پاءِ نام ڌيان گيان ماڻ،
جي چاهين درشن يار جو، ڪر شيوا وڏن شانت سان.
٧- شانتي آهي اُها دوا، رَهندي چاڪ ۽ مرض رهت.
اهائي تہ آهي پريو پرارٿنا، جي تُنهنجو اُڌارڻ شانت سان.
٨- خوب ملنديءِ مهراڻ جا موتي، اِهو پسي ڏِسُ اسرار پاڻ ۾
جهوليءَ ۾ ملنديءِ پريو پرساد، جي ''وچڙيل'' وٺ شانت سان.

هڪ ڪافي قديم نگر هو جو سنڌو سڀيتا جو نگر هو. سرسوتي سڪي ويئي تہ هي نگر بہ تباه ٿي ويو. اهڙيءَ طرح هرياڻا ۾ بہ پوءِ جون سنڌو سڀيتا جون بستيون اجڙي ويئون.

مهاڀارت جي سمي جي سرسوتي

مدد ڪندڙ ندي وملود : ڪو وقت هو جڏهن سرسوتيءَ ۾ جمنا جي هڪ ڌارا جا مهاڀارت وقت ۾ وملود نالي سان مشهور هئي، اچي ملندي هئي. پر اڄ کان قريب ۴۶۰۰ سال اڳہ هڪ ڀينڪر زلزلو آيو جنهن ڪري سرسوتي ندي جي ان سهايڪ ندي جو وهڻ رڪجي ويو. جنهن ڪري اها ڌارا مکيہ نديءَ جو حصو ٿي رهجي ويئي ۽ اهڙي طرح سرسوتي جمنا ۾ گم ٿي ويئي ۽ گپت روپ ۾ وهڻ لڳي. سرسوتي پڻ جو گنگا ۽ جمنا جي سنگم وٽ وسڻ ۽ جمنا جي هڪ سهايڪ ڌارا جا ڪڏهن سرسوتي جي هڪ سهايڪ ندي هئي. جمنا ۾ ملڻ جي ڪارڻ تيرٿراج پرياگ تروينٽي سنگم جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

اڄ بہ هي سوچڻ جو موضوع آهي تہ سرسوتي ندي ڪيئن هئي. ڪهڙين ڪهڙين ندين جو پاڻي هن ۾ اچي ملندو هو. وگياني، اتهاسڪار، جاگرافي جا ماهر ۽ ڌرتي جي گرڀ جا ماهر پنهنجي اڻٿڪ ڪوشش سان پراچين گرنٿن ۽ سچن جي آڌار تي وئدڪ سرسوتي جو هڪ نقشو تيار ڪيو آهي. سرسوتي ندي ڪڏهن سڪي ويئي ؟ ڪڏهن پورڻ روپ سان گم ٿي ويئي ؟ هن ڳالهہ تي ماهرن ۽ ودوانن جا خيال ڪونہ ٿا ملن. تہ بہ جو چٽر ساموهون بيٺو آهي. ان سان ندي جو سروپ وڏو لڳي ٿو. هن نديءَ کي ڏسي پنهنجو پاڻ انومان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيتري وڏي زمين جي ٽڪر تي رهڻ وارن انسانن جي جيون جو پالڻ پوسڻ هي ندي ڪندي هوندي.

سرسوتي پراچين سپت. سنڌوئن مان هڪ جا اَڄ جي هماچل پرديش مان نڪري هرياڻا راجسٿان مان ٿيندي. گجرات مان لنگهندي اڄ جي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي هئي. اڄ بہ هرياڻا. راجسٿان ۽ گجرات جي جاگرافي نقشن ۾ سرسوتي نديءَ کي ڏيکاريو ويندو آهي. هرياڻا جي نقشي ۾ مرڪنڊ ۽ جمنانگر جي سڌئرا ڪيتر مان نڪرڻ واريون نديون پاڻ ۾ ملڻ ڪانپوءِ ڪرو ڪيتر ۾ سرستي (سرسوتي) سڏجي آهي. ان ڪانپوءِ هي گهگهر ندي ۾ اچي پوندي آهي ۽ گهگهر جي نالي سان سڏي ويندي آهي. راجسٿان ۾ پشڪر ڪيتر مان (جتي تازو ۲۸-۲۹ مارچ تہ ۲۰۰۱ تي سيمينار ٿيو هو) نڪرندڙ ندي سرسوتي جي نالي سان مشهور آهي. اڳتي هلي هيءَ لوڻي ۾ اچي ملي ٿي.

وچ سير ۾ هوندي آهي تہ نڪي اورينءَ پر، نڪي پرينءَ پر ڪان ڏسڻ ۾ ايندي.

اڄ اسان گنگا کي ڀارت جي سڀ کان پوتر ندي مڃيون ٿا. پر ويدن ۾ گنگا کي ڪو خاص ملهہ ڪونهي ۽ نہ وري ڏنو ويو آهي. سبب اهو آهي تہ آريہ لوڪ ان سمي گنگا جي گهاٽي تائين ڪونہ پهتا هئا ۽ دور دور تائين آباد ڪونہ ٿيا هئا. انهن جون گهڻيون بيٺڪون سرسوتي، سنڌو ۽ انهن جي آسپاس وهندڙ ندين جي ڪناري تي وسيل هيون. ان ڪري ويدن ۾ سرسوتي جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ ملي ٿي.

رگ ويد جي ڄاڻ انوسار سرسوتي ندي جمنا ۽ ستلج جي وچ مان وهندي هئي. اها بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ سرسوتيءَ سان گڏو گڏ ”درشدوتي“ ۽ ”آپيا“ نالي واريون نديون بہ وهنديون هيون سرسوتيءَ کي ”ويگہ وتي“، ”نداتري“ وغيره جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن مان پڪ ٿي ٿئي تہ ويدڪ سمي ۾ سرسوتي ڪافي وڏي ندي هئي. پوءِ جي ڪيترن گرنٿن ۾ لکيل آهي تہ سرسوتي ڪيترن هنڌن تي سڪي ويئي آهي. مهاڀارت مان پتو پوي ٿو تہ هيءَ ندي ”پلڪش“، ’پرسوڻ“ هنڌ کان نڪري، اڳتي هلي ڪيترن هنڌن تي گ ۾ ٿي وڃي ٿي.

پر مصيبت اها آهي جو اڄ ڀارت پر سرسوتي نالي واريون نديون انيڪ آهن. الهہ آباد ۾ گنگا، جمنا ۽ سرسوتيءَ جو سنگم ڪافي مشهور آهي، پر اڄا تائين ڪنهن بہ ان سرسوتيءَ کي ڪونہ ڏٺو آهي. اتر کنڊ ۾ ماڻا ڳوٺ وٽ هڪ ندي الڪندا ۾ ڇوڙ ڪري ٿي، ان جو نالو بہ سرسوتي آهي. اهڙيءَ طرح سوراشٽر، مهاراشٽر، ڪيرالا، بهار وغيره پرڳڻن ۾ بہ سرسوتي نالي واريون نديون آهن. پر انهن مان ڪابہ هڪڙي رگ ويد واري سرسوتي ندي ڪونهي. رگ ويد ۾ لکيل آهي تہ سرسوتي شوالڪ ٽڪرين مان نڪري، اڄ جي هرياڻا ۽ راجستان مان وهي يا تہ ”سنڌو“ ۾ ڇوڙ ٿي ڪري يا وري سڌو سمنڊ سان ٿي وڃي ملي

اڄ هڪ ننڍي ندي شواليڪ پهاڙين جي ”آدي بدر“ هنڌان نڪري جيئن تيئن ڪروڪيتر تائين پهچي ٿي ۽ هتان اڳتي وڃي سڪي ٿي وڃي. گهڻن ماهرن جو چوڻ آهي تہ هيءَ ئي اصلي سرسوتي ندي آهي. سرسوتي ندي کي ٻارهن ئي مهنا وهندڙ ندين ستلج ۽ جمنا ۽ سندس پرتي ٿيندڙ شاخن ۽ ندين جو پاڻي وقت پئي ملڻ بند ٿي ويو تہ سرسوتي سڪي ويئي. سرسوتي سڪي ويئي تہ سندس ڪناري تي وسيل بيٺڪون ۽ بستيون بہ اجڙي ويئون. راجستان جي گنگا نگر ضلعي ۾ سرسوتي جي ڪنتي تي ٻڌل ڪالي بنگا ۾

۽ لوٽي جي نالي سان مشهور آهي. گجرات ۾ امباجي وٽان نڪرڻ واري ندي کي سرسوتي جي نالي سان سڏيو ويو آهي. سندس ٻيون پرتي ڪندڙ نديون آهن. ارجني ۽ روپن. هي نديون اڄ به قديم سرسوتي نديءَ جو ننڍو روپ آهن. ائين چيو ويندو آهي ته سرسوتي جون ٻارهان سهايڪ نديون هيون پر مهاڀارت ڪال ۾ صرف سپت سارسوت جي نالي سان مشهور آهن.


شري ٻلرام جو تيرٿ رٿن رستو : مهاڀارت جي وقت ۾ پائرن جي مت پيد شري ڪرشن ۽ شري ٻلرام هن ڳالهه تي هڪ مت جا ڪونه تي رهيا هئا ته هو ڪورون جو ساٿ ڏين يا پانڊون جو شري ڪرشن جو ته پڪو ارادو هو ته هو پانڊون جي مدد ڪندو ڇو ته پانڊون طرف ڌرم هو پر ٻلرام ان ڳالهه لاءِ قطعي تيار ڪونه هو. آخر ۾ ٻلرام ماڳهين لڙائي ۾ شامل ٿيڻ جو ڇڏي تيرٿ رٿن ڪرڻ جو سٺو ويچار سمجهو.

ٻلرام پنهنجو تيرٿ رٿن سرسوتي نديءَ جي ڪناري ڪان شروع ڪيو ۽ هو دوارڪا کان سمنڊ جو ڪنارو وٺي تيرٿن تي وڃين رشين منين سان مليو. انهن کان گيان جو لاڀ حاصل ڪيو ۽ آخر ۾ ڪروڪيتر ۾ اچي پهتو. ڪيس ڪل ۴۲ ڏينهن لڳا. ٻلرام پنهنجي ياترا پرڀاس ڪيتر مان شروع ڪئي. جتي سرسوتي اولهندي سامونڊي ڪناري تي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. اُتان هو چسود پيد تيرٿ ويو ۽ پوءِ گهمندو گهمندو اديان تيرٿ پهتو. هتي ندي ۾ پاڻي ڪونه هو. هن ڳالهه مان ڄاڻ پوي ٿي ته ان وقت ندي جو گم ٿيڻ شروع ٿيو هو پر ندي جي ڪناري تي هن تيرٿ ۾ کوهه کوٽڻ تي نديءَ جي پاڻي سان تار ٿي ٿي ويو. ان ڪري سمجهه ۾ اچي ٿو ته سطح سڪل هوندي به نديءَ جي هيٺان پاڻيءَ جا وهڪرا وهندڙ هئا جتي هي تيرٿ هو. هن نديءَ جي ڪناري اڳتي هلندي ٻلرام ونش تيرٿ ويو جتي ندي پوري طرح سڪل هئي ڇو ته سڪل ندي جا نشان ظاهر هئا. اُن تيرٿ وٽ اهو محيو ٿي ويو ته ندي زمين جي هيٺ گم ٿي ويئي آهي ۽ پيئي وهي جنهن مان ظاهر آهي ته اُن وقت سرسوتي جي سڪڻ جو سلسلو جاري هو ۽ ڪافي حد تائين وڌي چڪو هو. ان ڪانپوءِ جو تيرٿ ساپومڪ هو جتي ندي وهي رهي هئي. ۽ ڪنارو به اُتم تهيل هو. ٻلرام هتي سنان به ڪيو. جنهن کان پوءِ هو گندرو تيرٿ پوءِ گرگ. سروت تيرٿ ويو. هي سڀ تيرٿ جل سان ڀريل سرسوتي جي ڪناري تي هئا. اڳتي هلي هو شنڪ تيرٿ وڃي پهتو. جتي ندي هڪ اوچائي تي شنڪ وٽان وهي رهي هئي. ڪناري تي انيڪ وڻ ٽڻ به هئا. ظاهر آهي ته سرسوتي جو سٺو واهپو

هو ۽ يومي بہ ساوڪ ۽ وڻن سان ڀريل هئي. اڳتي هلي هو سرسوتي ندي جي ڏاڪڻي ڀاڱين ۾ ٿوري مفاصلي تي نهيل ناگدنوا تيرٿ ويو. جتي ڪڏهن راجا واسوڪي جو ديوتائن مڪٽ ڀائي ابيشڪ ڪيو هو پوءِ اوڀر طرف وڃي اتي آيو جتي اولهہ طرف وهندڙ ندي اوڀر طرف واپس اچي رهي هئي. اُتان هو نئمشارڻيہ تيرٿ وڃي پهتو. اتان هو سپت سارسوت تيرٿ پهتو، هي هڪ اهڙو تيرٿ هو جتي سٽن ندين جو پاڻي هڪ هنڌ تي ڪٺو ٿيندو هو ۽ اُهي ست ڌارائون سپت، سارسوت سڏبيون هيون. انهن ستني ڌارائن جا نالا هئا. سُپريا، ڪانچناڪشي، وشالا، منورما، اوڌوتي سريٽو ۽ وملود.

انهن ستن مان سُپريا جا پشڪر تيرٿ وٽان يا اوگهوتي جو ڪروڪيتر وٽان نڪ ندي هئي. اڄ بہ نقشن ۾ سرسوتي سان ڏيکاريون وڃين ٿيون. هڪ ٻي ڌارا جا الڳہ گجرات مان نڪري سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿي، بہ سرسوتي جي نالي سان نقشي ۾ ڏيکاري وڃي ٿي. گهر ٿيل سرسوتي ڪي نقشي ۾ مهاڀارت جي وقت ستن ڌارائن ڪي ذڪر جي آڌار تي نالو ڏنو ويو آهي.

ان ڪانپوءِ ٻلرام جي اووشنس تيرٿ ويو جنهن ڪي ڪپل موچن تيرٿ بہ چون. اُتان هو روشڱ مني وٽ آشرم ويو ۽ پوءِ اُتان پرٿودڪ تيرٿ ڏسڻ ويو. هي تيرٿ سرسوتي ندي جي اُتري ڪناري تي آهي. ان ڪان پوءِ هو ان هنڌ ويو جتي لوڪ پتامهہ برهما جي دنيا جي شروعات ڪئي ۽ هتي آرشٽيشسيڻ سند - ديپ، ديواپي، ۽ وشوامتر وغيره راجائن سرسوتيءَ جي ڪناري تي تپسيا ڪئي هئي. ان جو مطلب تہ وملود ندي جو وهڻ هتان سمجهڻ کپي. اُتان هو ياياٽ تيرٿ ويو. جتي راجا يياتيءَ ڪڏهن وشال يگيہ ڪيو هو. هتان هلي واسشناپواهہ تيرٿ ويو پوءِ جتان هو ستاٽو تيرٿ ويو. جتي ڪارتڪيجي ڪي ديوتائن جي سيناپتي پد تي ويهاريو ويو هو. هن جڳهہ تي سرسوتي ڪي اروڻا ندي ملي ٿي. هتي ئي اروڻا نديءَ جي ڪناري اندر سنان ڪري برهم هتيا کان ڇوٽڪارو پاتو. پوءِ ٻلرام جيسوم تيرٿ ويو. هتي راجا سوم راجسويہ يگيہ ڪيو هو ۽ هن ئي هنڌ وروڻ ڪي راج گدي تي ويهاري ويو هو. پوءِ هلي ڪري اگني تيرٿ ويو. هي تيرٿ سرسوتي نديءَ جي ڪناري آهي هتي هڪ شمي وڻ آهي. پوءِ ڪووبر تيرٿ ويو. هتي تپسيا ڪري ڪٻير جي ڌن جو مالڪ بڻيو. پوءِ بدر پاچن تيرٿ (باندر جو پڇ) ويو جتان جمنا هڪ ڌارا جي روپ ۾ نڪرندي آهي ٻلرام هتي سنان ڪيو. جتان اندر تيرٿ ويو. پوءِ پنڌ ڪري رام تيرٿ ويو هن جڳهہ تي پرشورام يگيہ ڪيو هو. ان ڪانپوءِ چمنا تيرٿ ويو



گوبند پنجابيءَ جو لاڙ جو سفر

هندستان جو مشهور اديب

عبدالحئي پليجو

دادا گوبند پنجابي، جنهن جي ڪري مونکي بمبئيءَ ۾ ڪيترن ئي سنڌي پائرن سان ملاقات جو موقعو مليو. مثلن پروفيسر رام پنجواڻي، سُندري، اُتم ڪلياڻ آڏاوڻي، تهلرام آزاد، برصغير جو مهان فنڪار ماستر چندر، سندس گهر واري ۽ پڻ ٻين ڪيترن سنڌين سان ملاقاتون ڪرايائين ۽ ڪيترين ئي تاريخي جڳهيون گهمايائين، تنهن ڪري جڏهن مون هندستان ڇڏڻ مهل سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني ته ڪلي چيائين، ته گذريل ڪيترن سالن کان انهيءَ ڪوشش ۾ آهيان ته پاڪستان جي ويزا ملي ته سنڌ ڏسان ۽ پنهنجو پراڻو ماڳ شڪارپور

جتي وروڻ راجسوي يگيه ڪيو هو. وري پوءِ آدتيه تيرٿ ويو. هتي رشين ۽ منين سرسوتي جي ڪناري تي سڌي حاصل ڪئي هئي. جتان ديول مني جي آشرم مان ٿيندو سارسوت تيرٿ ويو. پوءِ هو سمنت پنچڪ تيرٿ ويو جو ڪرو کيتر ۾ اچي وڃي ٿو. اُتان هلي هوُ ڪارپون تيرٿ ويو جتي سرسوتي جو شروعاتي هنڌ آهي. جتان وروڻ متر يعنيٰ ته وشٽ مني جي پوتر آشرم تي ويو جو جمنا جي ڪناري آهي.

هن آڌار تي هي چوڻ ٺيڪ ٿيندو ته مهاڀارت ڪال ۾ سرسوتي ندي هئي. سندس ظاهر روپ ڪونه هو ۽ نديءَ جي سڪڻ جو سلسلو زور پڪڙيو هو.

مهاڀارت جو سمو : مهاڀارت جي وقت تي گهڻائي متڀيد آهن ته به تواريخي ودوانن طرفان ڏيندڙ هميشه ڪوجنائن جي آڌار تي مهاڀارت ڪال جو ظاهري پڪو آڌار نه به ڏي سگهي پر ڪال جي وقت جو اندزو ته لڳائي سگهجي ٿو. ڪن اتهاسڪارن جي چوڻ موجب مهاڀارت ڪال اڄ ڪان اٽڪل ٥٠٠٠ سال اڳ جو چيو ويو آهي پر خاص ڪري دوارڪا ٻيٽ جي کوجنا ڪانپوءِ هن وقت کي عيسيٰ ڪان ١٥٠٠-١٦٠٠ سال اڳ جو مڃيو ويو آهي. ڊاڪٽر ايس.آر.راؤ اوشينوگرافي سامونڊي پراچين ڪيندر جا گواجي اوشينگرافي جي سنسٿا جو صلاحڪار آهي ان جي چوڻ موجب عيسيٰ ڪان ١٥٠٠ سال دوارڪا ٻڏي وئي هئي. مهاڀارت انوسار ڀڳوان شري ڪرشن جي چالاڻي ڪانپوءِ دوارڪا سمنڊ ۾ سمائجي ويئي هئي ان سبب مهاڀارت ڪال کي ان ڪان اڳ جو چئي سگهجي ٿو.

ڪن فرينچ ۽ آمريڪي پراچينتا جي ودوانن جي چوڻ موجب ميسوپوٽيما (عراق) ۾ عيسيٰ ڪان ٢٢٠٠ سال اڳ هڪ ڀينڪر سوڪ پيئي جا اٽڪل ٽن سون سالن تائين هلي. جنهن ڪري قدرتي ڦيرو آيو. ڊاڪٽر راجا جي چوڻ انوسار عيسيٰ ڪان ٣٠٠٠ سال اڳ ڌرتي جون ڦيرون قارون ٿيڻ شروع ٿيون هيون. پر عيسيٰ ڪان ٢٢٠٠ سال اڳ هڪ خطرناڪ برندڙ جبل ڦاٽو جنهن اڪاڊين سامراج کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جنهن جي آس پاس ڌرتي جي ڦير گهير ۾ ندي سرسوتي جي سڪڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو ان ڪري مڃٽو پوندو ته مهاڀارت جو سمو عيسيٰ ڪان ٢٢٠٠ ڪان ١٦٠٠ سالن جي وچ ڌاري هو.

اهڙي طرح ظاهر آهي ته سرسوتي اڄ ڪان قريب ٤٢٠٠ سال اڳ۾ اسانجي ديش جي هڪ فخر واري وشال پاٽي سان ڀرپور ندي هئي. جا وقت جي ڦيرڦارن ڪري هن ڌرتي جي ڦيرن ڪري ماڳهين گم ڪري ڇڏيو.

سان ايڏي سفر لاءِ وڃڻ ٺيڪ نہ آهي پر اسان دادا گوبند کان ٻني جو پروگرام وٺي ڳوٺ روانا ٿي وياسين.

هڪ ڏينهن ڇڏي پروگرام موجب اسان ڪراچيءَ پهچي وياسين. اتان سيٺ ڳابا واري ڪلفٽن واري بنگلي تان دادا کي ساڻ ڪري شام جو ستين وڳي روانا ٿياسين ۽ رات جو ڏهين وڳي ٻني پهچي پهتاسين. ٻنيءَ ۽ آسپاس جا دوست جنهن ۾ منهنجي هندستان سفر وارو ساٿي ڊاڪٽر راجو جنهن کي هندستان ۾ ڊاڪٽر راجو (   ) چوندا هئا، اهو بہ نظر آيو ڊاڪٽر گولاڙچيءَ کان خاص هتي، دادا جي پروگرام جو ٻڌي آيو هو. سنڌس پٽ وزير بہ ساڻس گڏ آيل هو. سموزن وينل دوستن دادا جي گهڻي سڪ ۽ مٺان پنهنجائپ سان آدر ڀاءُ ڪئي. سمورن دوستن سان گڏ دادا بہ ماني کاڌي. ڪچهري ۽ رهاڻ جو شوق تہ سيني کي تمام گهڻو هو پر منهنجي ٻڌائڻ تي تہ دادا سياڻي ۽ سڀان رات بہ پاڻ وٽ آهي ۽ پرينهن ڪراچيءَ واپس ويندو. اڳ ئي گهڻي سفر سبب ڪافي ٿڪل آهي، سو اڄ رات کيس آرام ڪرڻ ڏيو. وري سياڻي صبح حالِ احوال وٺبس. ائين چئي دادا کي سنڌس ڪمري ڀيڙو ڪري اسان بہ وڃي کٽ ڀيڙا ٿياسين.

صبح جو، رات وارن ساٿين کانسواءِ ٻين بہ ڪيترن دوستن، جن کي دادا جي اچڻ جي خبر پيئي سي سڀ دادا سان ملڻ لاءِ پهچي ويا. صبح انهن سيني سان گڏ ناشتو ڪري ۽ کين رات جي ماني جي دعوت عرض ڪري، اسان پروگ رام تحت ڏهہ ٻارهن دوست، ٽن گاڏين ۾ ڀريائين بلڙيءَ شاهہ عبدالڪريم جي درگاهہ لاءِ روانا ٿي وياسين، جتي پهچي دادا شاهہ عبدالڪريم کي نوڙت پريو سالم ڪيو ۽ درگاهہ مجاورن کان شاهہ عبدالڪريم جي ڪلام ۽ سندس مقبري ۽ ڪرامتن جي باري ۾ معلوم ڪيو. پوءِ بلڙيءَ جي شهر جو چڪر هڻندا سمورا ساٿي شاهہ شهيد عنايت صوفيءَ جي درگاهہ ڏانهن روانا ٿياسين. بلڙيءَ ۽ جهوڪ جي وچ ۾ مفاصلو فقط ٽي ميل آهي. جنهن ڪري اسان چند منٽن ۾ جهوڪ شريف، شاهہ شهيد جي ماڳ تي پهچي وياسين. جهوڪ ۾ ڀريائين درگاهہ جي گادي نشين ۽ صوفي علي اڪبر جي پڇا ڪئي سين. پر معلوم ٿيو تہ ٻئي همراهہ حيدرآباد ويل آهن ۽ درگاهہ مينيجر، ڪاڪو نٿومل بہ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل هو. پوءِ اسان سڀ درگاهہ ۾ شاهہ شهيد جي سلام لاءِ حاضر ٿي کيس عقيدت

۽ ڪوئيٽا ڏسان پر اجا شايد منهنجيءَ انهي تمنا ۾ ايتري سڪ پيدا نہ ٿي آهي جو مونکي ويزا ملي. آئون هندستان مان ٿي آيس تنهن کي سچا سارا چار سال گذري ويا پر دادا گوبند نہ آيو. هڪ ڏينهن ٻني ۾ پنهنجي گهر ۾ وينو هوس تہ اوچتو جهوڪ وارو ڪاڪو نتومل اچي سهڙيو. خبر چار ڪندي ٻڌايائين تہ بمبئي وارو گوبند پنجابي ڪراچيءَ آيو آهي ۽ اوهان لاءِ نياپو ڏنائين آهي تہ ڪراچيءَ ۾ آئون سيٺ گابا جي گهر رهيل آهيان.

ٻئي ڏينهن تيار ٿي محمد صابر پليجي سان گڏ سندس ڪار ۾ ڪراچيءَ روانو ٿيس. ڪراچيءَ ۾ سيٺ گابا جو گهر اڳ ۾ ئي ڏٺو هوم، تنهنڪري تڪليف نہ ٿي. بنگلي تي سيٺ گابا پاڻ وينو هو. جنهن خاطر توازع، ۽ خبرن چارن وٺڻ کانپوءِ ٻڌايو تہ دادا گوبند پنجابي کي بمبئي کان آئي ٻہ ڏينهن ٿيا آهن پر اڄ صبح جو کيس محبوب ۽ مهتاب محبوب حيدرآباد وٺي ويا آهن. هاڻ توهان کي حيدرآباد ۾ مهتاب محبوب جي جڳهہ تي ملندو. اسان ڪراچيءَ مان سڌا انهيءَ وقت حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسين. رات جو انڪل نوين وڳي حيدرآباد ۾ پهتاسين. مهتاب محبوب جي جڳهہ مون پنج سال اڳ ڏٺي هئي جنهنڪري جڳهہ ڳولهڻ مسئلو ٿي پيو. هڪ تہ رات جو وقت ٻيو انهي دوران حيدرآباد ۽ خاص ڪري لطيف آباد جتي مهتاب محبوب جي جڳهہ هئي، سخت سنڌي مهاجر جهيڙا ٿيا هئا ۽ ڪيترا سنڌي حيدرآباد ۽ لطيف آباد ۾ شهيد ٿي ويا هئا. هر ٻئي ٽئين ڏيهاڙي ڪرفيو هڪ عام ڳالهہ ٿي ويئي هئي. سو رات جي وقت اللهہ اللهہ ڪري وڃي مهتاب محبوب جي گهر پهتاسين. محبوب، مهتاب محبوب ۽ دادا گوبند اڳئي اسان جي انتظار ۾ وينا هئا. ڇو تہ ڪراچيءَ مان اسانجي رواني ٿيڻ شرط سيٺ گابا کين فون تي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ عبدالحئي توهان ڏانهن، هتان کان روانو ٿي ويو آهي. دادا گوبند تمام گهڻي سڪ ۽ اڪير سان مليو. بمبئي جي دوستن ۽ اسان جي ڳوٺ وارن جا ڪوڙ سارا سلام ڏنائين. اجا اهي ئي حال احوال پئي اورياسين تہ مٺان حميد سنڌي ۽ سائين محمد ابراهيم جويو جن پڻ اچي پهتا. ٿورڙي دير ۾ ماني بہ ميز تي رکي ويئي. ماني کائيندي رات جا ٻارنهن ٿي ويا اسان ڳوٺ وڃڻ واري ڪئي. محبوب ۽ دادا گوبند گهڻو ئي جهليو تہ رات ڪافي ٿي ويئي آهي. حالتون ٺيڪ نہ آهن. سو ايڏيءَ دير

هزارين ٻاڙهن، اچن ۽ گلابي گهاٽن گلن جي ڇڳن ٻه انهي رات دادا کي جهومي پليڪار ڪئي ۽ اهڙي ريت هن سرهي محفل جي شروعات دادا جي اجازت سان ٿي. راڳ رهاڻ جي هيءَ حسين محفل ساڍي اٺين وڳي شروع ٿي ۽ رات جو ٻه وڳي پوري ٿي. سيني فنڪارن پاڻ ملهايو هر ڪنهن پنهنجي وس آهر ڪابه گهٽتائي ڪانه ڪئي ۽ محفل جي سامعين کان خوب داد حاصل ڪيو. جيئن جيئن رات ماڪ ۾ ڦرندي ويئي تيئن تيئن ماسٽر محبوب جي آواز ۾ سوز ۽ مناڻ وڌندو ويو. محفل جي پڄاڻيءَ تي بهادر مٺار الغوزي تي راڳو وڄائي سمورن جي دل موهي محفل کي اٿين تہ مست ڪري ڇڏيو جڻ تہ سيني تي اٽپيتي نشي جا کيپ چڙهي ويا هجن ۽ اهڙي طرح هن راڳ رهاڻ جي پڄاڻي ٿي.

ماني کائي کي دوست ترسي پيا ۽ کي واپس پنهنجن ماڳن ڏانهن روانا ٿي ويا. صبح جو ننڊ مان اٿڻ تي دل ٿي تہ پئي چاهيو پر دادا جو سڄي ڏينهن جو پروگرام اڳ ۾ ئي تيار ٿيل هو. تنهن ۾ ترابرابر بہ گهٽ وڌائي جي گنجائش نہ هئي سو تيار ٿي ناشتو ڪري سڄي ٻني شهر جو دادا گوبند کي سير ڪرائي، خاص ڪري سنڌس دوست ڪُندن ٽيڪواڻيءَ جي اڳوٽي جڳهہ وارو هنڌ، جتي هينئر بہ هڪ هندو ڀاءُ رامچند جو گهر آهي اُتي سنڌس فوٽو گراف ڪيڏرائي شهر وارن کان موڪلايو. ان مهل سنڌي روايت مطابق ادا غلام رسول، سنڌم پاٽيجي ڊاڪٽر عبدالڪريم ۽ ٻين شهر وارن دادا گوبند کي اجرڪون پهرايون تنهن کانپوءِ هي قافلو دادا سان گڏ دڙو لائقپور روڊ کان ٿيندو ميرپور بٺوري، جتي دادا جي مان ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپور بٺورو طرفان آجياڻو منعقد هو، اتي پهتو تہ ادبي سنگت ۽ ميرپور بٺوري جي معزز شهرين سنڌس مان ۽ مرتبي مطابق هنجو کُلي دل سان زبردست استقبال ڪيو. اهڙي پيار ۽ پاٻوهہ سان پليڪار ڏسي دادا گوبند جون اکيون بہ آليون ٿي پيون. اسٽيج سيڪريٽري غلام رسول پرهياڙ جڏهن دادا گوبند کي مٿي اچي اسٽيج تي ويهڻ لاءِ گذارش ڪئي تنهن مهل هال ۾ موجود سمورن سڄڻن اٿي بيهي، تاڙيون وڄائي سنڌس مرحبا ڪئي. تاڙين جي گونج ڪجهہ گهڙيون جاري رهي جنهن دوران دادا گوبند هٿ ٻڌيو سيني جا ٿورا مڃيندو رهيو جن جي چهرن تي پيار ۽ پنهنجائپ وارو منظر ڏسڻ وٽان هو. دادا گوبند جي ويهڻ بعد ئي سمورا ساٿي پنهنجي پنهنجي

۽ احترام سان ۽ نؤ سلام پيش ڪندي دعا گهري. دادا گوبند اتي مجاورن کان درگاهه بابت ڪافي سوال پڇيا. درگاهه جي پرسان مسجد شريف جو ڪم هلندڙ هو جتي مستري ۽ مزدور ڪم ۾ مصروف نظر آيا. اسان ڪجهه وقت مسجد شريف ۽ درگاهه جو ديدار ڪري، پروگرام موجب ميرپور بٺوري روانا ٿياسين.

بٺوري ۾ پهريائين ڊاڪٽر عبدالڪريم پليجي ۽ پوءِ غلام حسين رنگريز وٽ وياسين. رنگريز وٽ بٺوري جا ٻيا به ڪافي دوست دادا گوبند جو ٻڌي پهتا هئا. اتي ئي غلام حسين رنگريز سنڌي ادبي سنگت بٺوري پاران ايندڙ ڏينهن تي دادا سان رهاڻ جي دعوت ڪيس ڏني. دادا اها شڪرتي سان قبول ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن ڏهين بجي اچڻ جو واعدو ڪيو. مون ٻني ۾ رات جو ماني جي دعوت رنگريز کي عرض رکي ۽ ڪيس سنڌ جي سٺي راڳيندڙ علي محمد خاصخيلي ۽ سندس پٽ الهڏني کي به ساڻ آڻڻ لاءِ عرض ڪيو. جيئن ته رات جو راڳ جي محفل ڪريون. اسان اتان موڪلائي بٺوري شهر جو چڪر لڳائيندا ۽ وات ۾ دڙي شهر مان مختصر خريداري ڪندا شام ڌاري واپس ٻني پهچي وياسين، پروگرام موجب اسان ٿوري دير ۾ چانهه پيئڻ کانپوءِ ٻني شهر پرسان پيچاريءَ واري قديم ڦاٽ مان ٿيندا مولچند پيلي جو چڪر لڳائيندا اچي سنڌو نديءَ جي ڪناري پيڙا ٿياسين. ڪلاڪ کن درياهه جو سير ڪري واپس پنهنجي جڳهه تي پهتاسين. دادا گوبند سنان ڪري ڪپڙا بدلائي ٻاهر اچي ويٺو جتي ٻيا سيئي سفر جا ساٿي سڄي ڏينهن جي مسافريءَ ڪري ٿوري دير آرام ڪري وري تازا توانا ٿي، اڄڻ ۾ رات جي محفل لاءِ رکيل ڪرسين تي پنهنجي پنهنجي جڳهه والاري ويهي رهيا. رات جي ماني ۽ راڳ جي محفل لاءِ جن دوستن کي عرض ڪيل هو سي ٻڻ آهستي آهستي اچڻ لڳا جن ۾ گولاڙچي، ميرپور بٺورو، درملوڪ شاهه، دڙو، باڙي شاهه ڪريم، قادر ڏنو شاهه، اسماعيل پليجو ۽ ٻني شهر جا ڪافي دوست ۽ مهربان شامل هئا. غلام حسين رنگريز ٻڻ سڄي ساري سوزوڪي مهربان دوستن ۽ فنڪارن سميت پري پوري ٽائيم تي ٻني پهچي ويو. ريڊيو ۽ ٽي.وي. جا فنڪار علي محمد خاصخيلي، الهڏنو خاصخيلي ۽ ماسٽر محبوب علي ناصح ٻئي ۽ مقامي فنڪارن ۾ استاد گلشير خاصخيلي ۽ مير بحر، ملهار لاشاري ۽ بهادر منٺهار شامل هئا. ٻني جي نمن جي ٻور جي سُرهاڻ ۽ بوگن ولا ول جي

۾ ياد اچي ويو جيڪو هن پنهنجي مثنوي ”چتزاولي“ ۾ ٺٽي شهر جي سونهن ڪان متاثر ٿي لکيو هو.

هيري سي ٺهٽہ نگر سوهاوا،
بيهن، هرن سيوين گنجاوا.

مطلب تہ ٺٽو نگر هيري جهڙو خوبصورت آهي، منجهس سارين جون سايون پوکيون، هرڻ ۽ ڪشادا ۽ سهڻا جهنگل موجود آهن. ٺٽي شهر جي قدامت ۽ سونهن جي باري ۾ ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا آهن پر آئون هتي صرف ہہ حوالا ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان هڪ تہ، تازو سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز، پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ڄاڻايو آهي تہ سنڌ جي سڀني شهرن ۾ مونکي ٺٽو ٿو وڻي. پاڻ چئي ٿو تہ جيڪر صحت ٺيڪ هجي ها تہ گهر ٺهرائي وڃي ٺٽي ۾ رهان ها. ٻيو واقعو هن ريت آهي تہ دارا شڪوه جڏهن سندس پيءُ شاهہ جهان سان ڪاوڙجي ٺٽي آيو هو تہ (بقول صاحب ’مقالات الشعرا‘) ڪيس ٺٽو نہ وڻيو ۽ هڪ دروازي ڪان ٿيندي، ٻئي دروازي ڪان هليو ويو. قاضي ابراهيم ٺٽوي سندس مصاحب هو تنهن کي حڪم ڏنائين تہ ٺٽي کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو. حاڪم جي حڪم بجا آوريءَ خاطر گهٽ واري پاسي، ڪجهہ پونگين کي باهہ ڏني ويئي. مير علي شير قانع جي دور تائين انهي باهہ جا نشان موجود هئا ۽ عرف عام ۾ انهيءَ جڳهہ کي ’سوختہ گهاٽ‘ يعني سڙيل پتڻ سڏيندا هئا. ٢٩ مئي ١٦٥٨ع تي ساموڳڙهہ جي ميدان جنگ ۾ جڏهن دارا شڪوهہ شڪست کاڌي ۽ پاڻ زنده بچي ويو تڏهن هن ٺٽي ڏانهن منهن ڪيو. اورنگزيب سندس پنيان صف شڪن خان، دلير خان، ۽ شيخ مير جي ڪمان هيٺ، پندرهن هزار فوج سميت دارا جي گرفتاريءَ لاءِ روانو ڪيو. دارا شڪوه مختلف شهرن ڪان ٿيندو آخر ١٢ نومبر ١٩٥٨ع تي ٺٽي پهتو. اتي ٺٽي جي باري ۾ نہ معلول تہ ڇا سوچيو هوندائين تہ هي اهو سندس ساڙايل شهر ٺٽو آهي يا ڪو ٻيو ٺٽو؟ بهرحال پاڻ نيٺ بولان ويندي ٩ جون ١٦٥٩ع تي ملڪ جيوڻ جي هٿان گرفتار ٿي دهليءَ لاءِ روانو ٿيو. ۽ اڄ اسانجو هي قافلو دادا گوبند جي سرراهيءَ ۾ قديم تاريخي جڳهين جي سير لاءِ مڪليءَ پهتو. مڪلي ڪيرٿر جبل جي هڪڙي تمام پري واري ٽڪريءَ جو ٽڪرو آهي جيڪا اتر ڪان ساموني وٺان شروع ٿي ڏکڻ طرف يارهن ميل هلي ڪلان ڪوٽ وٽ

جاءِ تي وينا. دادا سنڌي ٻوليءَ جو وڏو اديب آهي هن ورهاڱي کان ٻه اڳ لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄان ٻه لکندو اچي. کيس ادبي خدمتن جي عيوض ڪيترا پيرا ايوارڊ ۽ (تازو ٻه کيس ٢٥ هزارن رپين جو انعام) ٻه مليا آهن. پاڻ ١٩٤٧ع کانپوءِ پهريون ڀيرو سنڌ آيو ۽ هتي سڄي سنڌ ۾ کيس زبردست مڃتا ملي ۽ سنڌس مان ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪيتريون يادگار ادبي تقريبون ۽ محفلون منعقد ڪيون ويون. انهن جو احوال اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. هي نقريب سنڌ جي ڄاتل ۽ مڃيل سنڌي ادبي سنگت جي ٻنورو شاخ طرفان منعقد ڪيل هئي. سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل محترم غلام حسين رنگريز جيڪو سنڌ جو مڃيل اديب ۽ دانشور آهي، اهو پڻ هن ٻنوري واري شاخ سان واڳيل آهي. هن آجياڻي جي شروعات سڀ کان اول اجرڪن پهرائڻ واري رسم سان ٿي. سنگت ٻنوري طرفان غلام رسول پرهياڙ، خواجہ اعجاز ۽ شهرين طرفان گرمکہ داس اجرڪون اوڍايون. دادا کي اجرڪ پهرائڻ وقت، هر اجرڪ پهرائيندڙ جي، دادا وٽ پهچي ۽ کيس اجرڪ اوڍائڻ تائين تاڙين جي گونج سان آجيان ڪئي ويئي. اجرڪن پهرائڻ جي تقريب کانپوءِ غلام حسين رنگريز، سنڌس ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل طور تقرير ڪئي. پهريائين دادا گوبند جو تعارف ڪرايائين، انهيءَ کانپوءِ سنڌس ڪيل ادبي ڪارنامن کان واقف ڪرايائين. کانئس پوءِ قاسم پٽر، اعجاز خواجہ پرويز ميمڻ، سائين اڪبر شاهہ ۽ ٻين ڪيترن دوستن تقريرون ڪري، دادا گوبند پنجابي جي سنڌ اچڻ تي کيس ڀليڪار چئي ۽ سنڌس ادبي خدمتن جي مڃتا ڏني.

هتي دادا گوبند اعلان ڪيو تہ هو هاڻي پنهنجي نالي پويان پنجابي نہ، پر سنڌي لکندو آخر ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان مهمانن کي ٽي پارٽي ڏني ويئي، جنهن کانپوءِ دادا ۽ سنڌس قافلي جا سيئي ساٿي، ٻنوري جي دوستن کان موڪلائي اڳتي روانا ٿيا. پهريائين دادا جوهي قافلو، سنڌ جي قديم ۽ سرمد جي محبوب ابيچند جي شهر ننگر نئي پهتو، تہ مونکي اياز جو شعر،

”نئي جي هوا ۾ گلابي بدن،
ڍڪي ڪيئن اجرڪ سڄو واس ون.
۽ دکن جي دربار جي شاعر عثمان جو هي شهر دکني زبان

ڀنڀور جي کوٽائي ۱۹۳۰ع ۾ اين جي مجھدار جي ڏينهن ۾ شروع ٿي، تنهن کانپوءِ ۱۹۵۱ع ۾مسٽر ليزلي الڪاڪ جي ڏينهن ۾ ٿي. انهي کانپوءِ وري ڊاڪٽر آيف. اي. خان جي دور ۾ قديم آثارن جي کاتي ۱۹۵۸ ۾ ان جي کوٽائي شروع ڪئي جيڪا ۱۹۶۲ع تائين جاري رهي. يوناني جاگرافيدان، بهليوس، جنهن سڀ کان پهريائين دنيا جو نقشو ٺاهيو هو، تنهن پڻ انهيءَ نقشي ۾ ڀنڀور کي باربريڪ' يمپوريم BARBARIK EMPORIUM ڄاڻايو آهي جنهن جو مطلب آهي. واپار جي وڏي مارڪيٽ يا مندي ايچ. ڊبليو اسڪوف H. W. Schoff سندس خيال ظاهر ڪندي ٻڌائي ٿو ته ٻئي صدي عيسويءَ جو برڪه جاگرافيدان، ايلان پڻ ڀنڀور کي بار برڪ Brabaik جي نالي سان سڏيو آهي. ڀنڀور جي واپار جي باري ۾ 'تاريخ تمدن سنڌ' جو ليکڪ مولائي شيدائي چوي ٿو ته ڀنڀور هڪ تمام وڏو تجارتي مرڪز هو، جتان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سان واپار ٿيندو هو. هتي باقاعده ڪسٽم ورتو ويندو هو، جنهن کي گمرگ چئبو هو. مال جي روانگيءَ وقت پنجوڻ جيترو وصول ڪيو ويندو هو. ڀنڀور بندر تان ڪوڪن، ملبار (سلون) سري لنڪا ۽ ڪارو منڊل، ايراني نار، سوراشٽر، مشرقي پيٽن، چين، حضرالوت، مصر، فنيقي، ڪلداني ۽ هندستان سان غورابن وسيلي وڏي پيماني تي واپار ٿيندو هو. انهن ملڪن ڏانهن سنڌ مان جيڪو مال ويندو هو، تن مان ڪجھه جنس جا نالا هي آهن. هيرا، جواهر، سنگ مرمر، سليماني پٿر، عقيق، عقيق احمر، عقيق سليماني، فيروزه، ياقوت، ياقوت ڪمبود، لعل، سچو بلور، نيلم، دوديو پٿر، ڳاڙها، ڪارا مرچ، ڦوٽا، سنڍ، عطر، کنڊ، ڪونئر، لاک، ڀنير، عاج پستا ۽ بادام، نيزا، ڪشمش، ڪپهه، شيشم، ديال، ساڳ، چانور، جوئر، ڪٽڪ، ٻاجهر، داليون، تيلي ٻج، مشڪ، ڪئوري، ريشم وغيره جيڪي شيون ٻاهرين ملڪن مان گهرايون وينديون هيون تن ۾، يورپي عورتون، مصري، ڪپڙو، چانديءَ جا ٿانو، هيرا، شيشو سون، موتي وغيره اچي وڃن ٿا (ڏسو ڀنڀور ديبل صفحو ۲۶۲) تاريخ گزيده، ڪامل ابن اسير، تاريخ غررالسير لثعالبي ۽ فارسي نامه جو مؤلف، ابن بلخي لکي ٿو ته ديبل بهرام گود، بن يزدگرد، بن شاپود ساسانيءَ کي ڏاج ۾ مليو هو. ڀنڀور يا ديبل تنهن جو فيصلو تاريخ جا ڄاڻو ڪندا، پر هي مقام جتي دادا گوبند جي دوستن جو قافلو بيٺو آهي انهي مقام کي وري هڪ دفعو تاريخ ۾

ٿيندي پير پٺي وٽ ختم ٿئي ٿي. مڪلي جي چاڙهي وٽ مڪلي کي ڪراچي ويندڙ رستو ڪٽي ٿو. ڏاکڻي اڌ ۾ عيدگاهه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ابو قاسم نقشبندي، مخدوم آدم، سيد پير عالي شاهه، محمد يوسف بکري، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جون قبرون آهن. انهيءَ پاسي چيڙي تي ڪلان ڪوٽ جو ڊٺل قلعو ۽ ڦٽل عمارتن جا آثار موجود آهن. اُترئين حصي ۾ ترخانن جا مقبرا، مغلن جون رانڪون ۽ هُڏيرا آهن سر اتر جي چيڙي تي ڄام نظام الدين، درياهه خان دولهه، ڄام تماچي ۽ ٻين سمن حاڪمن جا مقبرا آهن. اِنهيءَ طرف جامع مڪلي، پير مراد، شيخ جيئڙ، حماد جمالي، عيسيٰ لنگوٽي، مراد پليجو (مڪلي نامون صفحو ٧٠٢) اسين به سنڌ جي انهي ڇهن سون ورهين جي تاريخي جڳهه مڪليءَ جو سير ڪري، گُجي ۽ گهاري کان ٿيندا سنڌ جي هزارين سال پراڻي ڦٽل شهر ديبل بندر، جنهن کي هاڻي عام طرح سان ڀنڀور سڏيو ٿو وڃي اتي پهتاسين. هتي، آثار قديمه کاتي وارن جو سٺو بندوبست آهي. ٻاهران گاڏين بيهارڻ لاءِ جڳهه، سنا پارڪ، رهائش لاءِ ريسٽ هائوس ۽ اندر ميوزيم جنهن ۾ هنن کنڊرن مان هٿ آيل شيون رکيل آهن. اسان ٽڪيٽ وٺي، ٿوري دير پارڪ جو چڪر هڻندا اندر ميوزيم ۾ داخل ٿياسين. اتي سياحن جي مدد لاءِ هڪ گائيڊ پڻ مقرر ٿيل آهي، جيڪو پنهنجي ڄاڻ مطابق اسان کي هر شيءِ بابت سمجهائيندو رهيو دادا گوبند هن کان ڪافي سوال پڇيا، پر هُن تاريخي بنياد تي ڪي خاطر خواهه جواب نه ڏنا. ادب دوست ڪامورو محترم عبدالقادر منگي جڏهن هتي اسٽنٽ ڪمشنر هو ته هن ديبل بندر جي موضوع تي هڪ سنڌ ليول جو سيمينار ڪرايو هو ۽ اتي پيش ڪيل مقالن ۽ تقريرن کي سهيڙي، هڪ ڪتاب ڇپرايو هو، جيڪو ”ڀنڀور ديبل“ نالي سان پڌرو ٿيو. ڀنڀور ۽ ڀنڀرر، ديول ۽ ديبل يا ٻن ۽ ٻهار، ٻن ۽ ٻهار، ۽ ون + وهار Vihara-Van لفظن جي صداقت بابت بحث اڃان جاري آهي اميد ته تاريخ ۽ قديم آثارن جا ماهر ضرور ڪنهن نتيجي تي پهچي قوم کي صحيح معلومات مهيا ڪندا ۽ تاريخ جي شاگردن کي اڳتي لاءِ آساني ٿيندي. ڀنڀور جو هي علائقو جنهن جا کنڊر ڊٻون، وهڪرا، نالا ۽ ڦاٽن جا نشان جيڪي ميلن ۾ پکڙيل آهن، سي ديهه پليجاڻي، ليراڻي، تلي، ترابي ۽ گُجي کان به اڳتي نڪري وڃن ٿا (ڀنڀور ديبل، صفحو ١٤٢)

كيچان آيو قافلو، ڪٿي عطر عنبير،
تنهين جي تاثير، واسيو شهر پنهور کي،
سچل سرمست

پنهون! منهنجا پراڻ، ڪٿي ڇڏيئي سُڃ ۾،
موٽان تہ پنهور جا مور نہ وڻن ياڻ
وڏان تہ اهڃاڻ، ڪٿان آٿيان ڪيچ جا
(اياز)

اڄ جو خاموش، ويران، ڦٽل، اُجاڙ ۽ اداس پنهور، علامت بڻجي ويو آهي پيار ۽ محبت ڪرڻ وارن لاءِ. هن اداس پنهور جي مٽيءَ ۾ پيار ۽ محبت جي ڪا ايڏي پيڙا آهي جو صديون گذرڻ بعد بہ منجهس رچيل عشق ۽ سرمستيءَ جي خوشبو ائين واسيل آهي جيئن پره ڦٽي جو ماڪ ۽ پنل رابيل جي سرهاڻ!

اسانجو هي قافلو، پنهور جي محبت واري ماڳ ۽ سرهاڻ جي سرزمين کي نؤڙت پريو نياز ڪندي ڪراچي روانو ٿيو، جتي گوبند کي ڳابا جي حوالي ڪري واپس پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽياسين.

(عبرت مئگيزن ١٥ جنوري ١٩٩٢)

زبردست شهرت ملي. سسئي ۽ پنهون جي داستان سبب هي ماڳ هڪڙو دفعو وري بہ سڄي سنڌ جي توجهہ جو مرڪز ٿي پيو. لطيف کان اياز تائين هر شاعر، هن داستان تي خوب لکيو آهي. سنڌ جي عظيم شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ٽيهن سرن مان، سڄن سارن پنجن سرن ۾ انهي داستان جو ذڪر ڪيو آهي.

١- سُر آبري ٢- معذوري ٣- ديسي ۴- ڪوهياري ۽ ۵- حسيني، سسئي ۽ پنهون، ٻئي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جا آهن. سسئي - شاسٽين - چنڊ ۽ پنهون - پنون - سج.

پيار جي داستان ۽ ڀنڀور جي ماڳہ کي سنڌ جي شاعرن ڳائي هميشهہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي. شايد ئي ٻئي ڪنهن شهر ۽ داستان جو سواءِ ملير جي، ايترو ذڪر سنڌي ادب ۾ ملندو هيٺ ڪجهہ مشهور شاعرن جا چند شعر هن باري ۾ پيش ڪجن ٿا.

ڀنڀوران بہ ٿوڪ، ڪن نہ نيا پاڻ سين
سڪڻ سيرين ڪي، لاڳاپا سين لوڪ.
قاضي قاضن.

مون سڏيندي سڏڙا، ساٿي سڏ نہ ڏين
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نہ تنوارين،
هيڏا شاحياٿين، بري هن ڀنڀور ۾
شاهہ لطيف

ڀينر هن ڀنڀور ۾، گهايل ٿي گهاريان،
سڄڻ جي سانگہ ويا، سيني ٿي ساريان
سي ڪيئن وساريان، جي وٿان مون وات ٿيا.
شاهہ لطيف

همڻ وڃن. يا وري ڪي گهڻو نہ پر مهابليشور يا مئٿيران مائٽن سان ڪارين ۾ چڙهي گهمڻ وڃن ۽ مان بہ سمجهوتو ڪندو آهيان. منهنجي هڻ مان ڇا ٿو وڃين ؟ مونکي پاڻ آرام ملندو آهي. نيٺ بہ تہ ٦٦ سالن جو رٽايرڊ پڊو آهيان.


پر انهن ٽن ڏينهن جي موڪل جمع ڪان آرتوار تائين ٻارن کي هوم ورڪ ڏيندو آهيان جنهن جو وشيہ اهڙو ڏيندو آهيان جيڪو سيني عمر جي ٻارن سان ٺهڪي اچي ۽ وري کين سمجهہ ۾ بہ اچي. ۽ جڏهن ٽن ڏينهن جي موڪلن ڪان پوءِ سندن رنگن ۾ چيپل ڏنل وشيہ ڏسندو آهيان تہ ڪافي مزو ايندو آهي. اهڙو مزو ٻارن جا مائٽ بہ ڪونہ ماڻي سگهندا هوندا. ڇو تہ ٻارن جي عمر جي حساب موجب سندن ويچار ڏارا جو پتو سندن ڊرائنگ مان اسان جهڙن چترڪارن ۽ ڊرائنگہ جي ڄاڻن کي پوندو. مائٽ تہ پنهنجو فرض پورو ڪرڻ ۾ پورا هوندا آهن. پئسا ڏنا ڊرائنگہ جو سامان پنا، ڊرائنگہ بوڪ، رنگہ ربڙ، پينسلون رنگين چاڪ، وغيره ڏنا ۽ منهنجي گهر تائين ٻارن جي اچ وڃ جو بہ بندوبست ڪيو تہ جند ڇٽي. سچو مزو تہ مان ماڻيندو آهيان. سيئي ٻار جي، الڳہ الڳہ عمر وارا هوندا آهن، انهن جا رنگين چتر ڏسي ويچار ڏسي سندن دنيا کي جاچڻ جو طريقو ڏسي سندن سوچڻ ڏسي ڪڏهن تہ مشڪندو آهيان. ڪڏهن من ۾ تہ ڪڏهن ظاهري ۽ وري ڪڏهن تہ زور سان ٺهڪ نڪري ويندا آهن. ۽ ائين تازو ۽ گذريل وسپت تي، (مون وٽ اٽڪل ٢٥ ٻار آهن) سيني عمر جي ٻارن کي هڪڙو ئي وشيہ گهر جي ڪم واسطي ڏنو. وشيہ هو، ”منهنجي پياري چيز“.


سڪہ سان ٣ ڏينهن گذريا. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سومر آيو. هميشهہ وانگر ٻارن اچڻ شروع ڪيو. ڪي پوڻين ڏهين آيا، تہ ڪي ڏهن ۾ ڏهہ منٽن تي ڪي وري ڏهين ڪانپوءِ بہ آيا. اٽڪل سوائين ڏهين سڀ جا سڀ ٻار اچي ويا. سيئي پنهنجا رنگين چتر ڏنل ان وشيہ ”منهنجي پياري چيز“ تي ڪڍي آيا هئا ۽ مونکي ڏيندا پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي وهندا ويا. مون خاطريءَ لاءِ هميشهہ وانگر ساڳوئي سوال دهرايو ”وشيہ ڪهڙو ڏنو هو.“ جواب مليو، ”منهنجي پياري چيز“.

مون سيني جا چتر ڏسڻ شروع ڪيا. ڏسندي ڏسندي سندن جاچڻ جي

پال دوست










ARTOLANI (8)



منهنجي پياري چيز

لڇمڻ ڪڪريجا ’مسافر‘

اونهاري جون موڪلون شروع ٿيون ناهن، مون وٽ ٻارن جون قطارون لڳڻ چالو، ڇي ”ڪڏهن ٿا ڊرائنگ ڪلاس چالو ڪيو.“ ۽ ائين هن ڀيري ٻه ڳذريل ١٦ اپريل (٢٠٠١) کان گهرجي اوطاق هميشهه وانگر ڊرائنگ ڪلاس ۾ بدلجي ويئي. ڪلاس ۾ ڪو بينچون يا ڊيسڪون ڪونهن پٽ تي ئي ٻار وهندا آهن. انهن ڊرائنگ ۽ سڪنڊ شائقن ۾ سيني درجن جا شاگرد هوندا آهن. سينئر ڪي.جي. کان وٺي ٨ درجي تائين. فيون منهنجون آهن رپيا هڪ سؤ، ٥ درجي تائين ۽ رپيا ڏيڍ سؤ ٦ درجي کان ۽ مٿئي.

ٻارن جي مائٽن سان سمجهوتو ٿيل آهي ته هفتي جا صرف ٣ ڏينهن سومر کان وسپت تائين ڊرائينگ سيکاريان. باقي ڏينهن ٻار وئڪيشن جو پورو پورو فائدو وٺن. ڪي ناناڻي ناني وٽ وڃن. ڪي وري ڏاڏاڻي ڏاڏيءَ وٽ ڳ

ڀارت کان آيل سنڌي اديبن اُتم ۽ سندري جي آجيان

جون ١٩٦٤ع جي آخري هفتي ۾، ڦيرين ڦيرو، ڀارت جا سنڌ ۾ ٻه ناميارا سنڌي اديب شري اُتم (ايڊيٽر ''نئين دنيا''، بمبئي) ۽ شريمتي سندري اُتمچنداڻي پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ۾ مهمان بڻجي آيا. هو شاهه لطيف جي ساليانيءَ ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن سان روشناس ٿيڻ جي غرض سان ٢٣ تاريخ بمبئيءَ کان هوائي جهاز ۾ روانا ٿي، ساڳئي ڏينهن ڪراچيءَ پهتا، جتي مقامي اديبن سان ڏڏ سندن استقبال ڪرڻ لاءِ حيدرآباد، سکر ۽ خيرپور جا به ڪجهه اديب موجود هئا. ٢٦ تاريخ حيدرآباد اچي، ٢٧ تاريخ ڀٽشاهه ۾ ادبي ڪانفرنس جي مهورتي بيٺڪ ۾ شريڪ ٿيا، ۽ شاهه جي مزار جي زيارت ڪيائون. ڪانفرنس جي باقي بيٺڪن ۾ به شرڪت ڪيائون، جنهن بعد ١٠ جولاءِ تائين حيدرآباد ۾ رهيا. ان بعد هو سکر ۽ خيرپور ويا. هتان ٽئڪسيلا ۽ ڪوهه مريءَ جو سير ڪري، پنهنجي ماڳ موٽي ويا. پنهنجي مختصر دوري جي انهيءَ عرصي ۾ ڪين هتي جي اڪثر عالمن، اديبن، شاعرن، صحافين، تعليمي شخصيتن، ناشرن ۽ فنڪارن سان ملڻ جو موقعو مليو ۽ علمي ادبي ادارن، ڇاپخانن، لئبررين، ڪاليجن، سنڌ ۽ ڪراچيءَ جي يونيورسٽين، تفريحگاهن ۽ مکيه بزارن کان علاوه، هو موهن جو دڙو، ساڌ ٻيلو، مڪلي، ۽ ٻيا تاريخي ۽ تهذيبي آثار به گهميا. هرهنڌ سندن اعزاز ۾ مرحبائي دعوتون ۽ ادبي ڪچهريون ڪيون ويون، ۽ سنڌي ادب ۽ زبان جي فروغ ۽ ترقيءَ جي مسئلن تي خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي ويئي.

ڪراچيءَ ۾ جناب جي. ايم. سيد، جناب پير حسام الدين راشدي، مولوي عبدالواحد سنڌي (ايڊيٽر ماهوار ''نئين زندگي'')، سراج، ۽ قمرشهباز ۽ امرجليل ڀاران ڪين مانيءَ ۽ چانهه جون خاص دعوتون ڏنيون ويون، جن ۾ مقامي اديب به شريڪ ٿيا. حيدرآباد ۾ هو محترم عبدالله چنا ۽ بيگم زينت عبدالله چنا جا خاص مهمان رهيا، ۽ مقامي اديبن، ادبي جماعتن ۽ صحافين ڀاران سندن اعزاز ۾ ڪيتريون دعوتون ۽ ادبي گڏجاڻيون ڪيون ويون. ٻئي ڏينهن، ٢٨ تاريخ صبح جو، محترم ع. ق. شيخ وٽ تعارفي گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو ويو؛ ٻنپهرن جو محترم شيخ علي محمد (ايڊيٽر روزانه ''عبرت'') وٽ مانيءَ جي دعوت ٿي؛ ۽ شام جو محترم عثمان ڏيپلائي جي ''اداره انسانيت'' طرفان، سنڌوءَ جي ڪناري تي، ڪوٽڙي براج (ڄامشوري) جي پل وٽ، هوٽل ''المنظر'' جي پُر فضا ماحول ۾ چانهه

شڪتي لاءِ ٻه واهه ! واهه ! نڪرندي پئي ويئي. مشڪندو ٻه رهيس. کلندو ٻه رهيس، ڪي ٻار ٻئٽ ڪيڏي آيا هئا. ڪاري ڳني واري، ڏاڳن واري، ڪن ته ڀارت جي مشهور رانديگرن جا نالا لکيل هئا، ڪي گڏا ۽ گڏيون ڪيڏي آيا هئا. ڪي پاليل ڪتا پٽي سميت ته ڪي ٻلي ڪيڏي آيا هئا. ڪي رنگين ٽي.وي.، ڪي ٽي.وي. وارو ڊسڪوري ڪٻس پروگرام، ڪي ڪارٽون فلمن جو هيرو مڪي مائوس، ڪي ٽارزن، ڪي فئٽم. ڪي انب ۽ وري لکيل هافوسي، ڪي صوف، ڪي پيڙا،ڪي هنداڻو، ڪريلا، ڪي پٽاٽا، ڪي ڀارت ته ڪي ٽرنگو. پر اوچتو ئي ڏسندي ڏسندي مان گنڀير ٿي ويس. کلڻ، مشڪڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ بند ٿي ويا. مون کان اوچتو رڙ نڪري ويئي واهه ! سپني ويڙل ٻارن کان ڇرڪ نڪري ويو. مون ان چتر جي چترڪار ٻار کي پاڻ وٽ سڏايو. ۽ کيس سندس چتر ۽ خيالن ۽ سندس پياري چيز جي ساراهه ڪئي. هن جي پياري چيز هئي ”سنڌي ٻولي“ جا سنڌ جي نقشي ۾ لکيل هئي“ ۽ هيٺيان لکيل هو ”منهنجي پياري چيز“

۽ مون کيس ان ڏينهن مليل ڪنهن ٻار جي في سؤ رپيا جذبي ۾ اچي کيس انعام ڏيئي ڇڏيو.

پاران ڊنر جي ڳڌيل دعوت ڪئي ويئي، جنهن ۾ ٽنهي جماعتن جي ڪارڪنن کان علاوه، جناب مخدوم محمد زمان ’طالب المولا‘‘ (ميمبر قومي اسيمبلي)، جناب پير حسام الدين راشدي (ڊاريڪٽر سنڌي ادبي بورڊ)، جناب شيخ علي محمد (ايڊيٽر روزانه ’’عبرت‘‘)، جناب مولوي عبدالغفور سيتائي (ايڊيٽر روزانه ’’نواءِ سنڌ‘‘)، ۽ جناب تاج صحرائي (دادو) حاضر هئا. محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ رائٽرس گلڊ پاران، محترم امداد حسينيءَ ’بزم طالب المولا‘ پاران، ۽ شمشير الحيدري ’سنڌي ادبي سنگت‘ پاران، ترتيبوار مهمان ادبين جي آجيان طور پنهنجا تاثرات پيش ڪيا. طعام واپرائڻ بعد، حاضر شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو؛ ’’اسين ڇو لکون ٿا؟‘‘ انهيءَ دلچسپ موضوع تي ڪن اديبن کان سندن خيال ڏنا ويا؛ ۽ آخر ۾ شري اُتم ۽ شريمتي سندريءَ پڻ انهيءَ سوال تي پنهنجا ويچار پيش ڪيا. ٩ جولاءِ تي سنڌي ادبي بورڊ جي لان تي مشاعرو ٿيو جنهن ۾ شيخ اياز، امداد حسينيءَ، شمشير الحيدري، پرواني ڀٽيءَ، رشيد ڀٽيءَ، پريو ناشاد، ۽ ٻين شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو. انهيءَ موقعي تي شريمتي سندريءَ پڻ پنهنجا بيت ٻڌايا ۽ ’’دڪايل‘‘ جي مشهور ڪافي ’’اکين مان ڇلڪي ڇلڪي، ڏُلڪي پوي ٿو پاڻي‘‘، پرسوز آواز ۾ ڳائي ٻڌايو. ريڊيو فنڪار محترم زرينا بلوچ به شيخ اياز جا گيت ۽ وايون ڳائي ٻڌايون. ١٠ جولاءِ آخري ڏينهن تي، مهمان اديبن جناب علام آءِ. آءِ. قاضي صاحب سان ملاقات ڪئي، ۽ حيدرآباد کان سکر روانا ٿي ويا. حيدرآباد جي سمورين ڪچهرين ۾ مختلف موقعن تي هيٺيان اديب ۽ شاعر شامل رهيا: مخدوم محمد زمان صاحب طالب مولا (چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ)، پير حسام الدين صاحب راشدي (ڊاريڪٽر، سنڌي ادبي بورڊ)، شيخ علي محمد صاحب (ايڊيٽر روزانه ’’عبرت‘‘)، مولا نا عبدالغفرر سيتائي (ايڊيٽر روزانه ’’نواءِ سنڌ‘‘)، مقبول صديقي (جوائنٽ ايڊيٽر روزانه ’’خادم وطن‘‘)، سردار علي شاهه (ايڊيٽر روزانه ’’مهراڻ‘‘)، مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، خواجه غلام علي الانا، محبوب علي چنا (پرنسپال سچل ڪاليج)، سير محمد نظاماڻي، عبدالغفور انصاري، مغدوم اميراحمد، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، بيگم زينت عبدالله چنا، مس رشيده شيخ، ع. ق. شيخ، محمد عثمان ڏيپلائي، غلام شمشير الحيدري، امداد حسيني، رسول بخش پليجو، آغا سليم، مرادعلي مرزا، ممتاز مرزا، شيخ اسماعيل، حيدربخش جتوئي، شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي (سکر کان)، جمال ابڙو (ٽنڊي الهيار کان)، بردو سنڌي ۽ الطاف عباسي (نوابشاهه کان)، خواجا سليم ۽ ظفر ڪاظمي (ڪراچيءَ

جي دعوت تي. ٻئي ڏينهن شام جو محترم حميد سنڌيءَ (ايڊيٽر ''روح رهاڻ'')، ''زندگي پبليڪيشن'' پاران، چانهه پارٽيءَ ۽ ادبي گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو، جنهن ۾ شعر ۽ افسانا پڙهيا ويا؛ ۽ رات جو محترم رسول بخش ''خمار''، ''اداره آواز ادب'' پاران، هوٽل فارول ۾ ڊنر ڏني. ۴ جولاءِ تي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ پاران، محترم عبدالغفور انصاريءَ بسنت هال ۾ چانهه پارٽي ڏني، جتي شري اُتم کان ''ڀارت ۾ ورهاڱي بعد سنڌي ادب، زبان ۽ تهذيب جي ترقي'' جي موضوع تي ليڪچر ٻڌڻ جو انتظام به ڪيو ويو. شري اُتم پنهنجي تفصيلي ليڪچر ۾ ڀارت جي سنڌي اديبن ۽ اڳواڻن طرفان سنڌي زبان ۽ تهذيب جي برقراريءَ لاءِ جاري ڪيل جدوجهد جي سرسري اُپٽار ڪئي، ۽ ادب جي هرشاخ ۾ ڪيل تجربن ۽ اشاعتن، اخبارن ۽ ادارن جي ڪارگذاريءَ تي روشني وڌي. انهيءَ موقعي تي بسنت لاج جي سيڪريٽري سيدنُورمحمد صاحب ۽ جناب محبوب علي چنا به تقريرون ڪيون، ۽ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سنڌي زبان جي تحقيقي ڪم لاءِ ٻنهي طرفن جي عالمن ۽ اديبن جي باهمي تعلق ۽ دلي تعاون تي زور ڏنو. ان بعد، ساڳئي ڏينهن ٽنڊي ٺوڙهي ۾، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ مرحوم جي وڏي فرزند جناب مرزا اسدبيگ طرفان چانهه جي دعوت ٿي، جتي مهمانن کي مرحوم مرزا صاحب جا تبرڪات، قلمي ۽ ڇاپي ڪتاب، استعمال ڪيل مختلف چيزون، فوٽا وغيره ڏيکاريا ويا. ۵ تاريخ صبح جو مهمانن پنهنجون اصلوڪيون رهائشي جايون ڏٺيون، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي استادن ۽ شاگردن سان ڪچهري ڪئي؛ شام جو سِٽي ڪاليج جي ''سنڌي ادبي مجلس'' طرفان سندن اعزاز ۾ چانهه پارٽي ڪئي ويئي، جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسپال، عملي، شاگردن ۽ اديبن شرڪت ڪئي، ۽ بعد ۾ مختصر مشاعرو به ڪيو ويو؛ رات جو 'سنڌي ادبي بورڊ' جي اسسٽنٽ سيڪريٽري محترم غلام ربانيءَ ڊنر ڏني. ٦ تاريخ سچل ڪاليج جي عملي ۽ شاگردن پاران سچل ڪاليج ۾، چانهه پارٽي ۽ مشاعري ۽ راڳ ساز جو انتظام ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻين ڪاليجن جا استاد به شريڪ ٿيا، ۽ ڪافي شاعرن ۽ ريڊيو فنڪارن ان ۾ حصو ورتو. ساڳئي ڏينهن، ''اداره ادب نو'' پاران، محترم طارق اشرف ڊنر ڏني. ۷ جولاءِ شام جو، پريس ڪلب ۾ روزانه ''خادم وطن'' جي جوائنٽ ايڊيٽر محترم مقبول صديقيءَ چانهه جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ مقامي صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان بعد، ساڳئي ڏينهن رِٽز هوٽل ۾، ٽن ادبي جماعتن ''سنڌي ادبي سنگت''، ''بزم طالب المولا'' ۽ ''رائيٽرس گلڊ''



ميگهہ دوت کي نياپو

■ ليمڻ ڪڪريجا ”مسافر“

وسن پيون ٽيون برساتي بوندون،
توبن سجني منهنجي اکين مون
هي تيز هوائون، بجليءَ جو چمڪو
ٽڪرڻ ڪڪرن جو ۽ هي گجگوڙون
ويهجان نہ ٻاري ڏيئو مومل جو
ويندءِ وسائي هي هوائون نراليون

۴. مان نہ ميندرو، آهيان تہ مومل جو
پتڪان پيو جهر جهنگ برتر بدرون
۵. هي جو ڪڪر آهن ڪنا تيل ڪارا
آڻن تا تو ساڻ يادون گهر جون
۶. تون بہ مون جيان هوندينءَ تڙپندي
تڙقائن هوائون ڪڪرن کي ٽيون
۷. تڙپڻ ڪڪرن جو آهي تہ نرالو
هوائون سندن ساڻ آهن گڏيون
۸. تو لاءِ تڙپڻ مون لاءِ توڙي سزا
سزائون بہ سهٽيون جي وري مليون

ڪان)، محسن عباسي (ٽتي ڪان)، حميد سنڌي، اشفاق قاضي، رسول بخش
خمار، عبدالقيوم صائب، مرزا اسد بيگ، جمال رند، طارق اشرف، غلام نبي
مغل، ابن حيات پنهور، پروانو ڀٽي، مقبول ڀٽي، شمس الدين عرسائي
ناصر، نياز همايوني، پريو ناشاد، حسين بخش خادم، نجم عباسي، زيب
ڀٽي، قاضي خادم، وغيره. بيگم چنا جي جڳهه تي مس رشيده حجاب، مس
نجم شيخ، مس نصرت چنا ۽ ٻيون اديبائون به شريمتي سندريءَ سان
مليون. شڪارپور ۾ مس ثميره زرين، ڪاڪي ڀ منداس ڀاٽيا ۽ ٻين اديبن
سان سندن ملاقات ٿي.

خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي سندن ميزبان هو. سچل اڪيڊميءَ ج
ڪارڪن، ۽ ٻيا ڪيترائي اديب نسيم کرل ۽ غلام علي کوکر وغيره استاد
ادب دوست ساڻن مليا.

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ رائٽرس گلڊ پاران سندن اعزاز ۾ ادبي
ڪچهريون ۽ دعوتون ڪيون ويون.

ڀارتواسي اديبن جو هي سياڳو جوڙو هتي جي ادبي حلقن ۾ ڪڏهن
به انوکو ۽ اجنبي نه رهيو آهي. اُتم ڀارت مان نڪرندڙ مشهور ماهوار رسالي
”نئين دنيا“ جو ايڊيٽر، سنڌيءَ جي چوٽيءَ جي ليکڪن مان هڪ،
مخلص سماجي ڪارڪن آهي. سندري سنڌيءَ جي هڪ بهترين افسان
نويس ۽ ناول نگار، اُتم جي رفيقه حيات آهي. ٻنهي جون تخليقون هتي
جي سنڌي رسالن ۾ به شايع ٿينديون رهن ٿيون، ۽ خود ”نئين دنيا“ رسال
به هتي ڪافي مشهور آهي. ٻئي ڄڻا ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف آهن
جيڪي ادبي اهميت جي لحاظ کان سنڌ ۾ ڪافي ڪارگر ۽ مقبول ثابت
ٿيا آهن. سندريءَ جي مشهور ناول، ”پريت پرائي، ريت نرالي“ جو
نئون ڇاپو به تازو هتان شايع ڪيو ويو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ هيءُ پهريون موقعو هو جو سنڌيءَ جا ٻه اديب، ڀارت
کان اچي، هتي جي اديبن سان مليا. مختلف ملڪن ۽ زبانن جي ادبي
وفدن وسفارتن جو تبادلو ڪيتريقدر ضروري آهي، سا ڳالهه هرڪو ڄاڻي ٿو
پاڪستان جي مختلف زبانن جا وفد دنيا جي پرانهن ملڪن تائين وين
رهن ٿا، ۽ خود ڀارت ۽ پاڪستان جا اردو اديب شروع کان ئي هڪٻئي و
ايندا رهن ٿا. بيحد ضروري آهي ته سنڌي زبان جي ٻنهي پاسن کان ادبي
وفدن جو تبادلو متواتر جاري رکيو وڃي.

(مهراڻ پرچو - ۴، آڪٽوبر-نومبر ۱۹۶۴ ۾ ڇپيل



ڪارگل جي جنگ جا جوڌا

■ لڇمڻ ڪڪريجا "مسافر"

١. دعائون اسان جون آهن دائمي
انهن سرحدن جي سردارن کي

٢. جي امر رکن، آباد رکن
ٿا وطن جي وڻڪارن کي

٣. آهن اسانجا هو سولجر
جن سنڀاليو ڀارت وارن کي

٤. سچو ڀارت انهن لاءِ آ ساراهه
جن ڏنو تن من وطن وارن کي

٥. هي ديش اسانجو رهندو امر
ٿا تڙي ڪيڏي حملي وارن کي